Maulood and Na'tiya Kalam in Sindhi Language

Mehran 1980 volumes 3 and 4

سنڌي ٻوليءَ ۾

مولود ۽ نعتيه ڪلام

مهراڻ

(1980 نمبر 3 ۽ 4)

سيرت نمبر

سنڌي ادبي بورڊ

كتاب جو نالو مهراڻ 1980ع (3 ۽ 4)

ايڊيٽر انچارج نفيس احمد شيخ

ڇپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

پيش لفظ

غلام محمد گرامي

بسم الله الرحمان الرحيم. خدا جي بندي ۽ اُن جي رسول محمد صلى الله عليه وسلم جي طرفان مقوقس بادشاهه قبط ڏانهن، سلام هجي انهيءَ تي جيڪو هدايت جي پيروي ڪري. اما بعد آءٌ توکي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. اسلام آڻ ته سلامت

رهندين ۽ خدا توکي ٻيڻو ثواب ڏيندو ۽ اسلام نه آندو ته تنهنجي مثال سڄي قبط کي تڪليف پهچائڻ واري مصيبت ٿيندي. اي اهل ڪتاب! اچو انهيءَ ڳالهه ڏانهن، جيڪا اسان ۽ توهان ۾ هڪجهڙي آهي ته خدا کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي کي خدا نه بڻايو سواءِ الله جي. بس، جيڪڏهن اهي نه مڃين ته ڪين ٻڌائي ڇڏ ته اي اهل ڪتاب! شاهد رهجو اسين ته مسلمان آهيون.

ناشر طرفان پيش لفظ

پنج سال اڳ بورڊ، مولوي محمد عظيم شيدا جو ڪتاب ”سيرتِ مصطفيٰ“ شايع ڪيو هو، جنهن کي حڪومت پاڪستان ان سال جو سيرت جي موضوع تي بهترين ڪتاب قرار ڏنو هو.

سيرتِ مصطفيٰ جي پيش لفظ ۾ مون عرض ڪيو ته ”حضور جن جي سيرت مبارڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي سنڌي زبان ۾ گهڻي کان گهڻا ڪتاب شايع ڪرڻ

جي ضرورت آهي..... سنڌي زبان ۾ سيرت جي موضوع تي معياري لٽريچر نه هئڻ جي برابر آهي ..... پيو ته ٿهيو، ابن هشام جي سيرت النبي ئي اجا تائين سنڌي زبان ۾ شايع ٿي نه سگهي آهي.“

اڄ پورن پنجن سالن گذرڻ کان پوءِ به سيرت جي موضوع تي سنڌي زبان ۾ معياري لٽريچر جو جائزو وٺبو، ته صورتحال ساڳي نظر ايندي. (ممڪن آهي ته هڪ اڌ ڪتاب جو اضافو ٿيو هجي). ظاهر آهي ته مهراڻ جو سيرت نمبر ايڏي وڏيءَ کوٽ جي پورائي ته نٿو ڪري سگهي.البت ايترو آهي ته ان ۾ پڙهندڙن کي ڪجهه ڪارائتو مواد ملي ويندو.

هن سيرت جي اشاعت ۾، تعليم کاتي جي شعبه ثقافت جي مالي معاونت بورڊ کي مهل سر ڪم آئي، جنهن جو بورڊ دلي طرح شڪرگذار آهي. سنڌ سرڪار اها مالي معاونت بورڊ جي پندرهين صدي هجريءَ واري اشاعتي پروگرام لاءِ ڏني هئي. جنهن موجب بورڊ کي قرآن ڪريم جي مخدو نوح واري فارسي ترجمي ۽ پنهنجي هڪ پراڻي ڪتاب ”برهانپور ڪي سنڌي اولياءَ“ جو نئون ڇاپو شايع ڪرڻو هو. مذڪور فارسي ترجمي جي ڇپائي شروع

ڪئي ويئي آهي ۽ جيئن ته اسلامي تعليمات ۾ قرآن پاڪ کان پوءِ حضور جن جي اقوال (احاديث) ۽ سيرت جو درجو آهي، ان ڪري بورڊ ”برهانپور ڪي سنڌي اولياءَ“ بدران سيرت تي معياري ۽ مستند مواد جي اشاعت کي ترجيح ڏني. مهراڻ جي انچارج ايڊيٽر مسٽر نفيس احمد شيخ ۽ رسالي گل ڦل جي ايڊيٽر مسٽر انورهالائي سيرت نمبر ۾ قابل قدر محنت ڪئي آهي ۽ سنڌ جي ممتاز عالم دين ۽ بورڊ جي محترم چيئرمن اشاعت جي هر مرحلي ۾ رهنمائي ڪئي آهي. هونئن، دستور موجب اشاعت کان اڳ سمورو مواد اول بورڊ جي معزز اراڪين تي مشتمل ايڊيٽوريل ڪاميٽيءَ غور سان ڏٺو آهي ۽ اشاعت کان پوءِ سنڌ سرڪار جي انفارميشن کاتي ان جي چڪاس (C E N S O R) ڪئي آهي. ظاهر آهي ته لکندڙن وٽان علمي مواد هٿ ڪرڻ، ان کي ايڊٽ ڪرڻ، مختلف مرحلن مان منظور ڪرائڻ، ڇاپڻ ۽ شايع ڪرڻ ۾ وقت لڳي ٿو، ان ڪري اسان سيرت نمبر سويرو شايع ڪري ڪونه سگهياسون. پر اسان لاءِ اها ئي سعادت جي ڳالهه آهي، جو خدا جي ڪرم سان سيرت

نمبر، هجري پندرهين صديءَ جي مبارڪ موقعي تي شايع ٿي رهيو آهي.

انشاء الله سيرت تي بنيادي ۽ مستند ڪتاب پڙ بورڊ طرفان شايع ڪيا ويندا.

سنڌي ادبي بورڊ - غلام رباني

1980-12-31ع

گذارش

نفيس احمد شيخ

رب العزت جي فضل و ڪرم سان مهراڻ جو سيرت نمبر پنهنجن معزز پڙهندڙن جي خدمت ۾ وڏي عقيدت سان پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون.

سرڪارِ دو عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حيات طيبه جي تذڪري تي مشتمل مهراڻ جو هي خاص پرچو، توقع آهي ته قارئين وٽ قبوليت حاصل ڪندو ۽ اداري جي ناقص خدمتن ڪي قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو.

مهراڻ جي قارئين کي معلوم آهي ته 15 - صدي هجري جي آمد جي مبارڪ موقعي تي، قومي تقريبات ۾ حصو وٺندي، سنڌي ادبي بورڊ پڻ اشاعتي رٿن جو اعلان ڪيو هو، لهٰذا، مهراڻ جو هي ”سيرت نمبر“ ان جو هڪ حصو آهي، جيڪو بفضل تعاليٰ پڙهندڙن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون.

بورڊ جي ٻي رٿا ڪلام مجيد جي انهيءَ تاريخي نسخي جي اشاعت آهي، جيڪو برصغير ۾ شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي مشهور فارسي ترجمي کان به تقريباً ڏيڍ صديون کن اڳ سنڌ جي هڪ جليل القدر روحاني بزرگ غوث الحق مخدوم نوح سرور رح، فارسي زبان ۾ ڪيو آهي. ان تاريخي نسخي جي ايڊيٽنگ جو ڪم سنڌ جي نامور عالم ۽ بورڊ جي فاضل چيئرمين علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب انجام ڏنو آهي. رب ڪريم جي فضل سان قرآن شريف جي ڇپائي شروع ڪئي ويئي آهي. گذريل 14 آڪٽوبر 1980ع تي هڪ ساده پروقار تقريب ۾ حيدرآباد ڊويزن جي علم دوست ڪمشنر جناب عبدالله ميمڻ صاحب اُن جو افتتاح ڪرڻ فرمايو. انشاءَ الله العزيز ڪلام الله جو اهو قيمتي ۽ تاريخي نسخو جلد شايع ٿي ويندو، جيڪو بلاشبه بورڊ جو هڪ قابلِ فخر اشاعتي ڪارنامو تصور ڪيو ويندو.

مهراڻ جو هي سيرت نمبر سنڌ ۽ پاڪستان جي برک عالمن جي تحريرن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي حيات طيبه ۽ اسوه حسنه بابت نهايت سير حاصل مضمون شامل آهن. ادارو انهن مهربان لکندڙن

جو احسانمند آهي، جن پنهنجا معياري مقالا ۽ دلاويز ڪلام موڪلي تعاون ڪيو آهي. پرچي کي وڌ کان وڌ معياري بنائڻ جي جا ڪوشش ڪئي وئي آهي، اُن جو اندازو قارئين بخوبي لڳائي سگهندا.

- نفيس احمد شيخ

بُرو هو پنپور، آرياڻيءَ اجاريو،
لاٿو ساري لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور،
چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

-----شاهه لطيف

مَولُود شَريف سنڌِي شَاعِريءَ ِجي اَهم صنفَ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

نبي ﷺ جي صفت ۾ ساراهه لاءِ سنڌ کان ٻاهر"نعت"،"ثنا" وغيره الفاظ استعمال ٿيندڙ آهن، مگر اهڙي ساراهه وارن نظمن جي ڪا خاص هيئت ڪانهي، ۽ نڪي وري اُنهن کي ڪو مخصوص نالو ڏنل آهي. سنڌ ۾ ڪافي آڳاٽي وقت کان وٺي نبي ﷺ جي ساراهه لاءِ "مولود" مروج آهن، جي معنيٰ ۾ مقصد توڙي نظم جي نوعيت جي لحاظ سان هڪ اهم ۽ اصولي درجو رکن ٿا.

لفظ ”مولود“ جي معنيٰ

"مولود" هڪ مخصوص نالو آهي، جو سنڌ وارن ئي ڪنيو ۽ رائج ڪيو آهي. ڪنهن اهو نالو تجويز ڪيو ۽ ڪڏهن کان اهو نالو رائج ٿيو، سو چئي نٿو سگهجي، پر مفهوم ۽ مقصد جي لحاظ سان اهو نالو هڪ انوکي ۽

اصولي حيثيت رکي ٿو. هن برعظيم ۾ اسلام اول سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ وارن جي دلين ۾ نبي ﷺ جي محبت سڀ کان اول جائگير ٿي. نبي ﷺ جيڪو"توحيد" جو پيغام آندو تنهن انسان ذات کي ٻين انسانن، جسمن ۽ وهمن جي غلاميءَ کان آزاد ڪيو، انساني برابريءَ جو بنياد رکيو، ۽ فقط علم، فڪر ۽ نيڪيءَ ۾ گوءِ کٽندڙ جي بلندي ۽ برتريءَ کي تسليم ڪيو. اهو هڪ"نئون نياپو" هو جو نبي ﷺ آندو. سندن ڄائي ۽ آئي، علم جي روشنائي هر جاءِ سهائو ڪيو ۽ جِّهل جي اونداهيءَ جو هميشه لاءِ خاتمو شروع ٿيو. انهيءَ ڪري نبي ﷺ جي ولادت ۽ ورود انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ هڪ اهم پيش خيمو هئا. نبي ﷺ سان محبت رکندڙ عقيدتمندن جي جذبات جي لحاظ سان جڳ ۾ ڪو آيو ته محمد ﷺ آيو ۽ جي ڪو ڄائو ته محمد ﷺ ڄائو. انهيءَ ڪري سنڌ وارن نبي ﷺ جي ڄم ۽ ولادت کي پنهنجي صفت ۽ ساراهه جو مرڪز ۽ محور قرار ڏيئي سندن شان ۾ چيل شعر کي"مولود" سڏيو. لفظ "مولود" جي معنيٰ ئي آهي"انسان ڄائو" يا "ڄاول ٻار" [(1)](#). اهڙي معنيٰ خيز لفظ کي جن آڳاٽن سنڌي عقيدتمندن چونڊيو ۽ رائج ڪيو،

تن جي دانائي ۽ روشن ضميريءَ جي جيتري واکاڻ ڪجي اوتري جڳائي.

صنف ”مولود“ جي نوعيت

صنف شعر جي حيثيت ۾ مولود،"وائي" يا"ڪافي" واري دفعي ۾ شامل آهي ۽ ٻنهي جو قالب ساڳيو آهي. اصولي طور"مولود" وائي يا ڪافي جو هڪ خاص قسم آهي، جنهن جو موضوع ۽ موسيقي آهستي آهستي مستقل ۽ مخصوص بنجي ويا. قالب ۽ هيئت جي لحاظ سان وائي ۽ مولود ۾ فرق ڪونهي، مگر پنهنجي تاريخي ارتقاءَ بعد موجوده صورت ۾ معنيٰ توڙي موسيقيءَ جي لحاظ سان "مولود" وائيءَ کان هڪ نرالي حيثيت رکي ٿو. موسيقي،"وائي" توڙي"مولود" جو لازم ملزوم جز آهي: ٻئي محض شعر خاطر منظوم ڪيل نه آهن، مگر ڳائڻ خاطر جوڙيل آهن. "وائي" وانگر "مولود" به ڳائڻ لاءِ آهي، پر"مولود" جي"لئي" وائيءَ جي "لئي" کان اصولي طور الڳ آهي. "مولود" جو الحان ۽ ڏار، ڪٽڻي ۽ وراڻي، توڙي مولود پڙهندڙن جي سنگت جي سٿاءَ نرالي آهي.

وائي يا ڪافي جي ارتقاء سان ان جي مضمونن جو دائرو وسيع ٿيندو ويو، تان جو ان ۾ قصن، ڪهاڻين، روز مره جي عام ڳالهين توڙي محض مجازي رنگ جا عنوان پڻ داخل ٿيا، ٻئي طرف ان کي هڪ فن طور سازن سرودن جي وڄت سان، ۽ موسيقي جي اصول موجب سُر تار ۽ راڳڻين جي لحاظ سان ڳايو ويو. انجي برعڪس "مولود" جو موضوع محض نبي ﷺ جي ذات ئي رهيو، جنهن جو تعلق عقيدتمندي ۽ روحاني خوشيءَ سان هو. انهيءَ ڪري مولود کي راڳ جي فن طور سازن سرودن تي ڪين ڳايو ويو، پر ان کي"قرائت"(سهڻي آواز سان صحيح ۽ چٽو پڙهڻ) ۽ "اِنشاد"(لئي سان پڙهي ٻڌائڻ) جي فن مطابق آلاپيو ويو. انهي ڪري ئي ”مولود ڳائڻ“، جي بدران "مولود پڙهڻ" جي رسم رائج ٿي، ۽ مولودن کي بنا سازن سرورن جي ديني محفلن ۽ درويشن جي مجلسن ۾ پڙهيو ويو ۽ اڄ تائين پڙهيو وڃي ٿو.

نتيجي طور چئبو ته تاريخي طور مولود خاص سنڌي ماحول جي پيداوار آهي ۽ سنڌ ۾ ئي رائج آهي. صنف شعر جي لحاظ سان "مولود" وائي جو هڪ قسم آهي، جنهن جو موضوع اصولي طور نبي ﷺ جي ذات آهي

۽ جنهن کي بنا ساز سرود جي مخصوص الحان ۽ لئي ۾ احترام سان پڙهيو وڃي ٿو.

مولودن جا مضمون

جيتوڻيڪ مولودن جو موضوع اصلي نبي ﷺ جي ذات مبارڪ آهي، مگر هر عقيدتمند شاعر پنهنجي حال ۽ قال، فڪر ۽ فهم مطابق نبي ﷺ جي ذات بابرڪات بابت مولود چيا آهن، ۽ انهيءَ ڪري اندروني طور مولودن ۾ جدا جدا مضمون پيدا ٿي پيا آهن. مثلاً، نبي ﷺ ڏڻيءَ جو ڏڻيل پيغمبر، سندن اعليٰ شان ۽ رتبو، سندن سوانح جا جدا جدا پهلو، سندن ساٿين سڳورن جي ساراهه، سندن عام فيض ۽ ڪرم، سندن شفاعت ۾ آسرو، ڪانئن دعا ۽ مهر جي طلب، ساڻن محبت ۽ عقيدت جو اظهار، مٿن صلوات ۽ سلام ۽ سندن روضي جي زيارت ۽ حج پڙهڻ جي تمنا وغيره مولودن جا مکيه مضمون آهن، جن کي سنڌي شاعرن پنهنجي زبان حال سان عجب نموني ۾ نباهيو آهي:

"جنهن تي چٽ جهليو"لولاڪ"، اعليٰ شان ٿيو محمد جو" (مقيم)

"محمد آئي سپ سور لٿا، آجي ٿيڙس آئون" (خير محمد)

"سرهو ٿيو سپڪو، تو سامائي سيدا" (پاڄو)

"تو سامائي سيدا! لٿا ملڪن تان مونجهارا" (دلاور)

مولودن جو تاريخي ارتقاءَ

مٿي چئي آيا آهيون ته "مولود" هيئت ۾ "وائي" يا "ڪافي" آهي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته مولود تڏهانڪر رائج ٿيا جڏهانڪر "وائي" وجود ۾ آئي. ڪن آڳاٽن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ستين صدي هجريءَ کان وٺي سنڌ ۾ ملتان جي سهروردي بزرگن ۾ سندن عقيدتمند خليفن ۽ احبابن جي سماع جي مجلسن ۾ سنڌي درويش سنڌي ڪلام ڳائيندا هئا، ۽ غالباً دوهڙا ۽ وايون ڳايون ويندڙيون هيون. جيئن ته نبي صلى الله عليه وسلم جي محبت "فنا في الرسول" جي سالڪانه منزل ڪي صوفي بزرگن جي طريقي ۾ خاص اهميت هئي، انهيءَ ڪري اهي وايون جن ۾ نبي صلى الله عليه وسلم جن جي حب ۽ محبت جو اظهار هو،

سي انهن سماع جي مجلسن ۾ وجد طاري ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ذريعو بڻيون، مگر انهن آڳاٽين واين يا ڪافين جا سالم نمونا اسان وٽ موجود نه آهن، جو انهن مان مولود جي مضمون وارن مثالن جو پوريءَ طرح اندازو لڳائي سگهجي. واين جا سربستا متن ۽ مختلف نمونا اسان کي ٻارهين صدي هجريءَ جي شروع کان شاهه عنات رضويءَ جي ڪلام ۾، ۽ ان بعد شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ ملن ٿا، جن ۾ "مولود" جي مضمون واريون وايون پڻ شامل آهن. اهو چئي نٿو سگهجي ته ”وائي“ کان الڳ، مولود جي مستقل ۽ جدا گانه حيثيت ڪڏهن کان عام طور تسليم ٿي. غالباً جڏهن "وائي" جو دائرو وسيع ٿيو ۽ ان ۾ مجازي رنگ جا عاشقانه عنوان توڙي سنڌ جي رومانوي داستانن جا مضمون عام رائج ٿيا، تڏهن "مولود" جي مضمون واريون وايون هڪ مخصوص دفعي ۾ شمار ٿيڻ لڳيون. پيو ته جڏهن"وايون" سماع جي مخصوص مجلسن کان ٻاهر پڻ عام خاص جي تفريح خاطر سازن سرودن سان ڳائجڻ لڳيون، تڏهن "مولود"جي مضمون واريون وايون سماع جي مجلسن لاءِ مخصوص بنجي ويون، ۽ سازن سرودن جي سنگت جي

بجاءِ انهن واين جي الحان ۽ لئي ۾ گونا گون رنگيني پيدا ڪئي ويئي، انهيءَ لاءِ ته بنا سازن جي پڻ انهن جي پڙهڻي ۾ رس ۽ ميٺاج پيدا ڪري سگهجي. غالباً مغلن جي دور ۾ موسيقيءَ جي ترقيءَ سببان ڪافيون سازن سرودن جي سنگت سان علم موسيقي مطابق پوري ُسر تار ۽ مختلف راڳڻين ۾ ڳائجڻ لڳيون ۽ مغلن جي دور جي آخر(ٻارهين صدي هجريءَ جي شروعات) ڌاري اهو چلامان عام ٿي ويو. انهيءَ ساڳئي وقت مولود جي مضمون واريون وايون خاص سماع جي مجلسن جو سينگار بنجڻ لڳيون، ۽ الحان ۽ لئي جي لحاظ سان انهن جي پڻ هڪ مستقل حيثيت قائم ٿي. يارهين صديءَ جي آخر کان وٺي سنڌ ۾ علمي درسگاهن پڻ وڏي ترقي ڪئي، ۽ "مولود" جي مضمون واريون وايون، جن جو ارتقاء درويشن جي سماع جي مجلسن ذريعي ٿيو، سي هاڻي علمي درسگاهن، مسجدن ۽ عالمن جي مجلسن توڙي عرسن ۽ عيدن برادن جي موقعن ۽ عام خاص جي"شغل وارين محفلن" ذريعي پنهنجي مستقل مضمون ۽ مخصوص لئي سان مشهور ٿيڻ لڳيون، ۽ انهيءَ جداگانه حيثيت سببان سندن خاص نالو "مولود" پڻ رائج ٿيڻ لڳو.

بهرحال ٻارهين صديءَ جي آخر تائين الحان، لئي توڙي مخصوص نالي جي لحاظ سان"مولودن" جي هڪ مستقل حيثيت قائم ٿي چڪي هئي، ۽ لفظ "مولود" پنهنجي مخصوص معنيٰ ۽ مفهوم سان رائج ٿي چڪو هو، ڇاڪاڻ ته ميون شاهه عنات رضوي، جو ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ۽ ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائل جو شاعر آهي، تنهن لفظ "مولود" استعمال ڪيو آهي ۽ پنهنجي هڪ "وائي" کي "مولود" سڏيو آهي:

"ڇئو صلوات صدق سين، اِيءُ مولود مدام."

اڄ تائين عام طور ائين ڄاتيو ويو آهي ته مخدوم عبدالرؤف ڀٽي مولودن جو موجد آهي يا پهريون شاعر آهي جنهن مولود چيا، يا جنهن جا مولود اسانکي ملن ٿا. اهو گمان صحيح نه آهي:تاريخي طور "مولود" تڏهن کان رائج ٿيا جڏهن کان وايون يا ڪافيون رائج ٿيون، ۽ هڪ الڳ حيثيت ۾ پڻ "مولود" پنهنجي خاص مفهوم، الحان ۽ لئي سان ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ رائج هئا. ميين شاهه عنات رضوي جي ڪلام ۾ لفظ "مولود" پهريون دفعو استعمال ٿيل نظر اچي ٿو.

پر ٿي سگهي ٿو ته اڃا به ڪنهن آڳاٽي شاعر جو ڪلام ملي جنهن ۾ مولود جي مضمون واريون وايون موجود هجن يا خود لفظ مولود استعمال ٿيل هجي. البت موجوده تحقيق جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته مولودن جي عام مقبوليت ۽ مشهوريءَ جي لحاظ سان پهريون دور ميين شاهه عنات رضوي وارو هو.

ميين شاهه عنات رضوي بعد، سندس ننڍن معاصرن مثلاً شاهه عبداللطيف (1102-1165 هه)، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1094-1166هه)، مخدوم غلام محمد بگائي (1145هه ۾ زنده) ۽ مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي (وفات 1174هه) جي ڪلام ۾ مولود عام طور ملن ٿا. مولودن جي مقبوليت جو اهو ٻيو دور هو، جنهن کي "مخدوم عبدالرؤف ڀٽي وارو دور" چئجي ته بجا ٿيندو. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي پهريون شاعر هو، جنهن فقط مولود ئي مولود چيا.ظاهر آهي ته اُنهيءَ وقت مولود ايترو ته عام مقبول هئا جو بزرگ عبدالرؤف"مولودن" کي ئي پنهنجو مخصوص موضوع بنايو. سندس انهيءَ سموري توجه سببان، مخدوم عبدالرؤف پهريون آڳاٽو سنڌي شاعر آهي جنهن گهڻي ۾ گهڻا مولود چيا. ٻن سون سالن کان وڌيڪ

عرصي گذرڻ بعد، هن وقت پڻ سندس چيل مولود ايترو ته عام رائج ۽ مشهور آهن جو سڀ سارا اسي هٿ ٿي سگهيا، جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن، ۽ يقيني طور انهن کانسواءِ اڃا ڪي پيا به هوندا جي سردست هن ڪتاب واسطي ملي نه سگهيا.

مخدوم عبدالرؤف جي مولودن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو پهريون شاعر آهي جنهن مولود جي عنوانن کي وسيع ڪيو. معنوي لحاظ سان، نبي ﷺ جي ولادت ۽ انسان ذات جي سر بلنديءَ لاءِ سندن پيغام مولود جو اصلي ۽ اصولي عنوان هو. عبدالرؤف جا ٿي مولود انهيءَ عنوان تي چيل آهن، ان کانسواءِ نبي ﷺ جي خالص ساراهه ۽ ثنا، سندن لاءِ دلي محبت ۽ سڪ، کائنس مهر ۽ شفاعت جي طلب ۽ اميد، سندن چئن يارن ۽ پنجتن جي سڪ ۽ ساراهه، نبي ﷺ جي مڙني محبن ۽ مشتاقن جي تعريف، مديني پهچي زيارت ڪرڻ جي دلي تمنا ۽ حاجين جي حج وڃڻ جو ذڪر ۽ پيا عنوان آهن، جن تي عبدالرؤف پنهنجا مولود چيا آهن. ان کانسواءِ نبي ﷺ جي سوانح جي مکيه پهلوئن، مثلاً نبي ﷺ جو ساٺ سان موٽڻ ۽ بيبي خديجة جو سڪ سان واجهائڻ،

نبي ﷺ جي شادي، سندن هجرت ۽ سندن معراج کي پڻ عبدالرؤف پنهنجي مولودن جو عنوان بنايو. نه فقط ايترو پر نبي ﷺ جي وفات تي پڻ مولود چيا. عنوانن جي انهيءَ انوکائي ۽ گهڻائي سببان، مولودن جي موضوع جو مرڪز، سو نبي ﷺ جي ذات رهي، باقي ان جو دائرو ايترو وسيع ٿي ويو جو ان ۾ ڪئين عنوان سمائجي ويا. نبي ﷺ جي ذات کان ٻاهر،مخدوم عبدالرؤف ڌڻي تعاليٰ جي مناجات کي پڻ وائي واري سانچي ۾ سموهيو، ۽ سندس اهڙي هڪ وائي هن ڪتاب ۾ شامل آهي، جيئن ته اها وائي پڻ مولودن سان گڏ مجلس ۾ پڙهي ويئي انهيءَ ڪري مولودن ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

مخدوم عبدالرؤف ڪانپوءِ جي شاعرن گهڻو ڪري انهيءَ وسيع دائري اندر ئي پنهنجي طبع رسا کي ڊوڙايو ۽ انهن مکيه عنوانن کي ئي نئين سر نباهيو، جيتوڻيڪ انهن نبي صلعم تي ڌڻيءَ جي ڪرم ۽ سندن اعليٰ شان، سندن آمد ۽ فيض عام، مٿانئن جان نثاري ۽ مٿن سلام، سندن حسن جمال ۽ سونهن ڪمال جهڙن عنوانن کي زياده تفصيل سان ورجايو. مخدوم عبدالرؤف نبي ﷺ جي شاديءَ جي عنوان تي مولود چيا ته ڪانئس پوءِ جي شاعرن وري

بلڪل سهري طور مولود چيا. مخدوم عبدالرؤف جي مناجات طور چيل وائي پڻ مجلسن ۾ پڙهڻ جي لحاظ سان مولود شمار ٿيڻ لڳي، ۽ ان ڪانپوءِ اهو رواج پيو جو ڏٽيءَ جي مناجات، چئن يارن ۽ پنجتن جي ساراهه، بادشاهه پير ۽ ٻين ولين جي شان ۾ چيل وايون پڻ مولودن طور مجلسن ۾ پڙهجڻ لڳيون.

مولود جي اندروني سانچي ۽ سٽاء توڙي ان جي وزن ۽ ترنم ۾ پڻ مخدوم عبدالرؤف قابل قدر اضافا ڪيا. موضوع جي سٽاء جي لحاظ سان عبدالرؤف سنڌ جي ڪُهنين ڪهاڻين مان تلميحون توڙي انهن ڪهاڻين جا قالب تمثيلي طور استعمال ڪيا: مثلاً ٻن مولودن ۾ پنهل ڏانهن ۽ هڪ ۾ سمي ڄام تماچيءَ ڏانهن تلميح طور اشارو آندو اٿس، ۽ ٻه مولود سڄا سربستا سُر سسئي جي سانچي ۾ سمايا اٿس. ڪن مولودن ۾ وزن جو ماڻ پريو اٿس: مثلاً هڪ مولود سڄو سارو بحر هزج مان هڪ موزون مصرع آهي، ۽ ٻيو مولود سڄو سارو بحر هزج جي ماڻ ۾ ميَل آهي.اِهو صحيح نه آهي ته مخدوم عبدالرؤف پهريون شاعر هو جنهن وزن تي شعر چيو، ڇاڪاڻ ته سندس وڏي معاصر شاعر جمن چارڻ جي

چيل مداح ۾ وزن سمايل آهي(1) ، البت مخدوم عبدالرؤف انهن اوائلي شاعرن مان آهي جن موزون شعر چيو آهي. ترنم جي لحاظ سان مخدوم عبدالرؤف جا ٻه مولود سَمهه(2) جي نچ جي تار ۾ ُتريل آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اُن وقت سمهه جي حلقن ۾ مولودن پڙهڻ جو ايترو ته ذوق شوق هو، جو مخدوم عبدالرؤف پنهنجا اهي مولود سمهه جي نچ جي تار ترنم موافق جوڙيا. مولود جي فن ۾ اهو پڻ خاص سندس اضافو آهي.

مخدوم عبدالرؤف کانپوءِ مخدوم عبدالله عرف ميان موريو ٺٽوي، حافظ عالي(وفات 1192هه) ۽ ميان سرفراز(وفات 1192هه بعد) جا مولود ملن ٿا. اهي ٽيئي مخدوم عبدالرؤف جا ننڍا معاصر هئا. حافظ عالي جا ٻئي مولود اهم آهن: پهريون بحر هزج ۾ چيل آهي ۽ سنڌي موزون شاعري جي اوائلي مثالن مان آهي، ۽ ٻيو مولود سمهه جي نچ جي تار موافق چيل آهي، جنهن جو پهريون مثال مخدوم عبدالرؤف جي مولودن ۾ ملي ٿو.

مولودن جو ٽيون دور جڻ تيرهين صدي هجريءَ جي شروعات سان جناب پير صاحب محمد راشد رحه عرف "روضي ڌڻي" (وفات 1233هه) سان شروع ٿئي ٿو. اهو

خاص طرح اُتر سنڌ جي شاعرن جو دور آهي. هن کان اڳ ميين شاهه عنات رضوي توڙي مخدوم عبدالرؤف ڀٽي ۽ سندس معاصر لاڙ طرف جا هئا، جتي ٺٽو، نصرپور، مٽياريون ۽ هالا علمي درسگاهن ۽ عالمن کان مشهور هئا. اُتر ۾ موجوده ضلعي خيرپور ۾ کهڙا علم جو مرڪز هو، ۽ کهڙن جي مخدومن بزرگن وٽ ديني مجلسن توڙي عيدن برادن تي مولودن جا شغل ٿيندڙ هئا. پير صاحب محمد راشد رحه جن کهڙن ۾ پڙهيا ۽ انهيءَ شاگرديءَ واري زماني ۾ غالباً مولود جي مجلسن کان متاثر ٿيا. ان بعد پاڻ پنهنجون تصنيفون ۽ تحريرون فارسيءَ ۾ قلمبند ڪيائون، مگر سنڌيءَ ۾ خاص طرح مولود چيائون ۽ گهڻائي چيائون. هن ڪتاب ۾ سندن اَٺ مولود ڏنا ويا آهن، جي نبي ﷺ لاءِ سچي سڪ ۽ محبت واري جذبي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. نمبر 5 ۽ 6 حقيقت ۾ ڪافيون آهن، جي پڻ مولودن سان گڏ انهيءَ الحان ۾ چيون وينديون آهن. مولود نمبر 7 موزون شاعريءَ جي قالب ۾ سمايل آهي. هن دور جو وڏو شاعر سچل سرمست(وفات 1242 ھ) هو، جنهن ڪي مولود پڻ چيا. سندس ٽي مولود هن ڪتاب ۾ شامل آهن، جن مان نمبر 3 بحر رمل ۾ چيل

آهي. ملا صاحبڏنو(وفات 1250 ھ) پڻ هن دور جو شاعر هو، جنهن فارسي ۾ غزل ۽ قصيدا ۽ سنڌيءَ ۾ مولود چيا.

مولودن جو چوٿون دور، جناب پير صاحب محمد راشد رحه جي آخري عمر وارو دور(1230 ھ) هو، جنهن جو مهندار غالباً مقيم هو. مقيم جا مولود اڄا تائين مشهور آهن، ۽ زبان جي سلاست ۽ جذبي جي صداقت ۾ برک آهن. مقيم جو احوال خاطريءَ سان معلوم نه ٿي سگهيو آهي، مگر جيئن ته اشرف شاهه ڪاماري واري ڪيس اڳ جي بهترين مولود-گو شاعرن ۾ ڳڻيو آهي، انهيءَ ڪري اندازاً ڪيس هن چوٿين دور جو اڳواڻ شمار ڪري سگهجي ٿو. ميان غلام عباس شاهه دڙي واري پنهنجي خانداني روايتن جي بناء تي خاطريءَ سان ٻڌايو ته سندن وڏو ڏاڏو ياسين شاهه بن سيد محمد شريف بن سيد جان محمد بن هاشم شاهه بخاري، جو ميرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريو آهي، سو پنهنجو تخلص"مقيم" ڪندو هو ۽ انهيءَ تخلص سان سندس چيل مولود مشهور آهن. هن پوئين دور ۾ اٽڪل پنجاهه ڪن سال اڳ مقيم سمون ، جو ڪاتب هو، تنهن پڻ پنهنجي نالي"مقيم" سان مولود چيا. پر اهي مولود جي مقيم جي نالي سان مشهور آهن سي ان کان اڳ

جا آهن، چو ته اشرف شاه ڪاماري واري (ولادت 1214 ھ) پنهنجي هڪ مولود ۾ چيو آهي ته:

مجلس منجھ "مقيم" ڪي جڏهن غازي گڏيائون،
مقام تنهن جو مڪي ۾ آڻي اڏيائون.

جيڪڏهن اشرف شاه اهي مولود پنهنجي پنجويهن ورهين جي ڄمار بعد (يعني 1240 ھ بعد) چيا هجن ته انهيءَ جي معنيٰ ته مقيم اندازاً سنه 1240 ھ کان اڳ مڪي شريف ويو جتي گذاريائين- انهيءَ لحاظ سان اهو بزرگ مقيم، ياسين شاه"مقيم" کان غالباً اڳ جو هو. سيد خير شاه ۽ پيا هن چوٿين دور جا مولود- گو شاعر هئا.

مولودن جو پنجون دور تيرهين صديءَ جي وچ وارو دور هو. فتح فقير مونٿيل وهيءَ ۾ سيد قنبر علي شاه پاڏائي رحه جو اچي مريد ٿيو. سندس رفيق تيرهيو فقير پڻ قنبر علي شاه رحه جو مريد هو، خود درويش قنبر علي شاه(وفات 1268 ھ)،جو "رسالي جو صاحب" آهي، تنهن جي رسالي ۾ ڏنل ڪي وايون حقيقت ۾ "مولود" آهن ۽ انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

انهيءَ ساڳئي دور جو ٻيو نامور ۽ اڳواڻ شاعر پير محمد اشرف شاھ(ولادت 1214 ھ) ڪاماري وارو ھو. اسلوب بيان جي لحاظ سان اشرف شاھ نهايت سهڻا ۽ سلوڻا مولود چيا. اڳين نامور مولود-گو شاعرن مان اشرف شاھ کي عبدالرؤف ۽ مقيم ڪافي متاثر ڪيو ھو، ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي ھڪ مولود ۾ ٻنهي جا نالا ڪنيا اٿس. اشرف شاھ سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪلام چيو، جنهن ۾ مولود پڻ گهڻي تعداد ۾ هئا جي نهايت مقبول پيا ۽ مشهور ٿيا.

مٿيان پنج دور ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي آزاد حڪومت واري عرصي جي مکيه مولود- گو شاعرن جا آهن ۽ مولودن جي ابتداء ۽ ارتقا- جي سلسلي ۾ بنيادي يا ڪلاسيڪي حيثيت رکن ٿا.

پير اشرف شاھ انگريزن جو دور ڏٺو ھو ۽ ڪانئس پوءِ پيا مکيه مولود- گو شاعر، جن ٽالپرن توڙي انگريزن جو دور ڏٺو، تن ۾

- نواب جان محمد لغاري،
- غلام حيدر فقير شر،
- صابر ٺٽوي،

- خير محمد فقير هيسباڻي،
- مخلص علي "مخلص"،
- سيد مهدي شاهه بخاري،
- حسين فقير ديدڙ، نواب الهداد خان لغاري
- ۽ پيا سندن ساٿي هئا.

انهن سپني سنه 1300ھ/1882ع کان اڳ وفات ڪئي. اهي شاعر جي تيرهين صديءَ جي آخر ۾ ساماڻا ۽ جن چوڏهين صدي هجريءَ جي شروع ۾ وفات ڪئي تن ۾ شاهه محمد ديدڙ(وفات 1309 ھ) ۽ رمضان ڪنڀر (وفات 1316ھ/1899ع) برک هئا.

ان بعد هن چوڏهين صدي هجريءَ يا ويهين صدي عيسويءَ جي شروعات وارن مولود-گو شاعرن ۾ رمضان واڍو(وفات تقريبا 1330 ھ/1912ع) مشهور شاعر ٿي گذريو،جو پنهنجي دور جو اڳواڻ شاعر هو. رمضان واڍي جا چيل مولود گهڻو ڪري سڄيءَ سنڌ ۾ مقبول پيا ۽ اجا تائين شغل جي مجلس ۾ پڙهيا وڃن ٿا. رمضان واڍي تي مولودن جي ارتقاء جو وچون دور ختم ٿيو. انهيءَ وچين دور جي مولودن تي سٿاء توڙي اسلوب بيان جي لحاظ سان اوائلي دور جو رنگ چڙهيل هو.

رمضان واڍي بعد مولودن جو موجوده نئون دور شروع ٿيو، جو اندازاً گذريل پنجاهه سالن وارو دور آهي.هن دور ۾ گهڻن شاعرن مولود جوڙيا. گذريل عرصي جي وڏن نامور شاعرن جهڙو ڪو شاعر ڪو نه ٿيو پر جتي ڪٿي شاعر مولود جوڙڻ لڳا، چاڪاڻ ته مقامي مولود پڙهندڙ پڻ اڳين وڏن شاعرن جي مولود پڙهڻ واري پابندي کي ڇڏي مقامي شاعرن جا مولود پڙهڻ لڳا. ويهه پنجويهه سال اڳ، مولوي غلام رسول جتوئي ۽ جاڻڻ سوناري جا مولود پنهن جي پيٽ ۾ زياده مشهور ٿيا. هن وقت لاڙ طرف پير زين العابدين شاهه نورائي واري جا چيل مولود قدري مقبول آهن، پر هر هنڌ شغلن ۾ مقامي ننڍن وڏن شاعرن جا مولود پڙهيا وڃن ٿا.هن دور جي مولودن جو اسلوب بيان زياده عام فهم ۽ آسان آهي، پر ان ۾ شاعرانه نزاڪتن جي ڪمي آهي. زبان جي ڳوڙهائي، خيالن جي انوکائي، توڙي جذبي جي صدق ۽ سچائي ۾ موجوده دور جي شاعرن جو معيار گذريل دور جي شاعرن جي پيٽ ۾ ايترو بلند نه آهي.

("مولود"، لوڪ ادب سلسلي جو چوٿون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ 1961ع، جي مقدمي مان ڪنيل شروعاتي حصو.)

جن ماڻهن اسانجي دين جي ڪم ۾ ڪوششون ڪيون، اسان (به) انهن کي ضرور پنهنجو رستو ڏيکاريندا‌سون ۽ ڪو به شڪ نه آهي ته الله اهڙن (ماڻهن) جو ساٿي آهي جيڪي (سچي دل سان) نيڪ ڪم ڪندا آهن.(القرآن)

---

(1) عربيءَ ۾ ”مولود“ (جمع مواليد) معنيٰ نئون ڄاول ٻار يا طفل. ”مولود“ جي اها معنيٰ قرآن شريف ۾ سورة ”بقرة“ جي هن آيت سان پوريءَ طرح واضح ٿئي ٿي ”وعلي المولود له رزقهن و ڪسوتهن بالمعروف“ (والد کي نون ڄاول ٻارن جي مائرن جي کاڌي ۽ اوڇڻ جو انتظام سهٽي طريقي موجب ڪرڻ لازمي آهي.)

(1) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو پهريون ڪتاب ”مداحون ۽ مناجاتون“.

(2) ”سمهه“ اصل ۾ ”سماع“ آهي. ”سماع“ جي مجلسن ۾ صوفي درويش وجد ۾ اچي نچندا هئا. عيدن برادن جي موقعن تي سمهه جي نچ، اصلوڪي سماع جي مجلس ۾ حال واري رقص جي يادگار آهي.

عجب جهڙي آه، حقيقت حبيب جي،
نڪو چئبو سو ڏٺي، نڪي مخلوقا،
شفق جي ساجاءِ، جامع ليل نهار ڪي.
(خواجه محمد زمان رحمة الله عليه)

ميون شاه عنات رضوي

دوس قريشي، عرب ديسي----
توکي رب سنپالي، ميان سائين!
اول نور نبيءَ جو تاري ۾ رکيائين،
ڏسي ڏيهه ڌڻين کي التحيات اُتائين.
منجهان بهشت براق سينگاري، پيا ملائڪ مُڪائين،
آءُ موجن سين محمدا! اِيءَ توکي ڌات ڌنائين.
آدم، عالم، عارف، مرسل، سڀ خاطر تو خلقيائين،
جت سَڀ نه ملائڪن جو، اُت ڳجهاندر ڳرهيائين،
جنبي جبريل سين، باونگ پير ٽريائين.
ڳس غربت خاص خلوت، اوپر چڙهه، اُتائين،
عرض ڪري "عنات" چئي، اُمت انعام لڌائين.

*

شاه عبداللطيف ڀٽائي

هاڻي ايندو، هاڻي ايندو،
منهنجو سڄڻ سائين هاڻي ايندو.
آگَر لائي انڌيون، وڃي وسينءَ نيئي وڃهندو.
مٿان لڪن سانئڙو، صحيح سلامت نيندو.
ڏيئي ور ولهين کي، ڪامل ڪرم ڪريندو.
شمع ٻاريندي شب ۾، نرمل نور سڏيندو.
نماڻيءَ جو نجهرو، پاسي پاڻ اڏيندو.
هادي جهلي هٿڙا، چڪڻ مان چاڙهيندو.
اڳواڻ ٿي امت جو، هادي هٿ جهليندو.
احمد ڪارڻ عاصيين، داڙو ٿي دڙيندو.
پٺي لائيندو پانهنجي، چوريون تان نه ڇڏيندو.
مهند ٿيندو مصطفيٰ، پُٺيءَ لوڪ لنگهيندو.
اُتي عبداللطيف جي، هو حمايت ٿيندو.

*

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي هالائي

سدا ٿيون سارين،
منهنجون اکڙيون احمد چام کي.
ويچاريون واٽن تي نئين سج نهارين.
دليئون دوست رسول کي، ويل نه وسارين.
ساريو سپرين کي، روز هنجهون هارين.
عاصي عبدالرؤف چئي، گهنگهر ڏينهن گهارين.

*

مخدوم غلام محمد بگائي

رکو هيٺي تي هٿ هر هر، ٿئي رحمت يا رسول الله!
ڪري پيو ڪير توريءَ هت حمايت يا رسول الله!
هيٺي هن حال منهنجي جي، سيدا! سڌ توکي سڀ آهي،
چوڻ چارو نه مون آ ڪو، حڪايت يا رسول الله!
ٿئي آڌر ارادت جي، پسان تو مير محمد کي،
ڪريان خدمت، ٿئي حاصل، هدايت يا رسول الله!
نه اٿم تقويٰ نمازن جي، نفل، فرضن عبادت جي،
رکان اميد رحمت جي، عنايت يا رسول الله!
غلام محمد جو غم لاهي، خرابيون ۽ خطائون سڀ،
ٿئي شافع! وري منهنجي، شفاعت يا رسول الله!

*

مخدوم محمد اسماعيل سومرو

(پريان لوءِ)

ٻاجھ حضرت جي گھٽي،
محب مون تي لک ٿورا.
تون سردار آهين سڀ خلق جو، مهڙ مڙن جو مصطفيٰ!
شفي شافعي، نور نافعي، مير مديني جا ڌڻي!
راضي رهائيم صبر توفيقا، قادر تنهنجي ڪل تي قضا،
حال پس، هي مون نه وس، يار توکي هيءَ وٽي.
سولي ڪر سڪرات منهنجي، قبر ۾ رس ڪارڻي،
وير وڙ ڪر، پال پڙ ڪر، چپر پيس آءُ چٽي.
اسماعيل کي علم ارشاد جي، هن آر اندر ۾ آٽي،
وڙ وچايم، پلؤ پايم، عيب آيس آءُ ڪٽي.

*

مخدوم عبدالله (نرئي وارو)

اجهي اوهان جي آهيان،
مير محمد مصطفيٰ!
آءٌ دامن لڳو آهيان،
رهبر! اوهين رسجاه!
موليٰ ملائڪ موڪليا، ڪوٺي سان ڪرما،
آيا سينگاري سهج سين، مرڪب سونهن صفا،
حسن ڏسي حورون، سج چنڊ ڪتيون تارا،
عرش ڪرسي آسمان، سڀئي ڪن ساراها،
تهان پوءِ رسيا، جت جبرئيل جاءِ نه ڪا،
اوهان کي آگي ڏيکاريو پنهنجو پاڪ لقا،
ترهو چنم تار ۾، جت ويڙم وسيلا،
مون کي رسجاه مهر سين، پلا پرجهلا،
وصف اوهان جي والضحيٰ انا فتحنا،
مدح اوهان جي مصطفيٰ، ياسين ۽ طٰه
دامن لڳو دوست جي، عاصي عبدالله،
مدد تنهن جي مهر سين، ڪامل ڪجا.

*

پير محمد راشد روضه ڌڻي

موليٰ مڪو توکي ڏيو، عالم سچو ٿيو سوجهرو،
ظلمات سپ ضايع ٿيو، موليٰ ملائين مصطفيٰ!

تِک ٿي وهي هن پار ڏي، ڪشتي چڪي اوپار ڏي،
درڪار پهچڻ يار ڏي، مولا ملائِين مصطفيٰ!

آهي هتي چولي گهٽي، تنهن ۾ گهڙان چا ٿو ڪٽي،
تڙ چاڙهه تون تڙ جا ڌڻي، موليٰ ملائين مصطفيٰ!

ڪين جو ڪمايم ڪار ۾، هت چا سلان سرڪار ۾،
دانهون ڪيان بيڪار ۾، مولا ملائين مصطفيٰ!

ساريو سڄڻ کي ساريان، تولئه هنجون هت هاريان،
ڏونگر ڏکيا ڏينهن گهاريان، مولا ملائين مصطفيٰ!

سنسار ۾ سردار تون، اڙين سندو آڌار تون،
"راشد" پهچائج پار تون، مولا ملائين مصطفيٰ!

*

سچل سرمست

اي صبا! تون ڏي وڃي، نياپا سندم سردار کي،
سڀ سنيها هي چئج، مرسل مٺي منٺار کي.

مهر ڪا مون تي ٿئي، ڏيو گوش هن گفتار کي،
جيڪي آهي سو ٿئي، ڪڍ پور هن پندار کي.

بخشيو دارون ديد جو، هن برھ جي بيمار کي،
دل نه ڏي دلبر واٺ ڏيو يا احمدا اغيار کي.

احمدا! توڪاڻ ٿي بخشش سڄي سنسار کي،
شڪ نه شبهو مونکي ڏي، ڪر تون پڪو اعتبار کي.

پاڇي پٿيون ڪيو آ پڙي، اصلؤن پنهنجي اختيار کي،
ڪو نه ڪو پؤ آ سچو، هر جاءِ حمايتدار کي.
*

ملان صاحبڏنو شڪارپوري

ڪونهي جوڙ تنهنجو ڪو جهان اندر،
گهمي عرب عجم ايران ڏٺم.

تو تي راضيِ الاهي رسول سچا
تون ته مولا جو مقبول مٺا،
تنهنجو قول سچا، ٿئي قبول سدا
تنهنجي وصف اندر قرآن ڏٺم.
توکي شاه شرف لولاڪ مليو
توکي ارض سما افلاڪ مليو،
توکي خاص خدا رب پاڪ مليو
جبرئيل سندءِ دربان ڏٺم،
توکي حوض ڪوثر جي ذات ملي
تنهنجي اُمت کي صلوات ملي،
توکي عرب، عجم، عرفات ملي
جتي بخش ٿيندا عصيان ڏٺم.
دک درد تنهين جا دور ٿيا،
جيڪي حاضر منجهه حضور ٿيا،
"صاحبڏنا" سپ نور ٿيا
تنهنجي پيش پتنگ پروان ڏٺم.

*

فتح فقير

ڪيڏو شرف قرآن ۾
اعليٰ نبي تنهنجو شان ٿيو

شاهد نبوت تي شجر

پڙهندا ها تسبيحون حجر

جن مڃيو خيرالبشر

تن دين ۽ ايمان ٿيو

رب پاڪ ڏنئي رهبري،

سيد سچا تون سروري

پرور ڏنئي پيغمبري

راضي مٿءِ رحمان ٿيو

راضي مٿس ٿيڙو ربي

آيو محمد عاربي

هو ٻن جهانن جو نبي

سردار ۽ سلطان ٿيو

شاهد نبوت تي شجر   پڙهندا ها تسبيحون حجر

جن مڃيو خيرالبشر   تن دين ۽ ايمان ٿيو

رب پاڪ ڏنئي رهبري — سيد سچا، تون سروري
پرور ڏنئي پيغمبري — راضي مٿئه رحمان ٿيو
راضي مٿس ٿيڙو ربي — آيو محمد عاربي
هو ٻن جهانن جو نبي — سردار ۽ سلطان ٿيو
هو اُپ مٿي اسرار تو — اهو اشارو اظهار تو
ڪيو معجزو منٺار تو — قمر ڪِري قربان ٿيو
هينئڙي ڪي حب حسنين جي — ذي فهم ذي النورين جي
دلبر نبي دارين جي — نازل مٿس قرآن ٿيو
برڪت پلاري پير جي — مرسل نبي منير جي
صدقي محمد مير جي — اُمت مٿي احسان ٿيو
خاصو ڪيو خلقي خدا — مطلوب مولیٰ مدعا

ڪر جيءُ ”فتح“ تنهن تان فدا
جنهن لاءِ جڙي جهان ٿيو

*

سيد قمبر علي شاھ ”شريف“ پاڏائي

يار دڪاني، دوست دڪاني
مٿي تو ڪلما پڙهياسين قرآني
شمس تنهن سونهن تان، قمر ٿيو قرباني
آءُ اورانهون سپرين، جنت جاءِ مڪاني
ڏوريان ڏوريان نه لهان، سيد تنهنجو ثاني
وچ عالم دي ”شريف“ چئي، صورت تيڏي سبحاني
*

فقير نانڪ يوسف

اڄ نبي اسان جو آيو، وائي وات ٿي وئي
ڪريا ڪوٽ ڪفر جا، تجلات ٿي وئي
جبريل جاءِ جوڙي، يڪدم آيو ڊوڙي
سيد جي صحبت ۾ پرڀات ٿي وئي
جنهن رات ٿيون رهاٽيون، مَلڪن ڪيون ڪهاٽيون
حورن سهرا ڳايا، مٿي لات ٿي وئي
هي "يوسف" يتيم ٻانهو، تعريف ڇا ڪري
محب مليو مولا سان، ملاقات ٿي وئي
*

پير اشرف شاه ڪامارائي

مون مذنب تي موٽ --
موٽ محمد هاشمي
نفس ڪميٽو يا نبي! آهي امارو اٽموٽ
نرم ڪر نگاهه سان، جو سخت سٺاٽو سوٽ
مهندان محشرماڳ ۾، جتي مڙندو جڳ جهڳوٽ
عاصيڙن جو احمدا! تون آهين ڪانجهو ڪوٽ
پيءُ نه ڏاڏو ڀاءُ برادر، جت مامو نه ماروٽ
سوڙهيءَ ۾ رس سيدا! آهين اڙين آڳه اوٽ
پريل بدڪارين سان آهيان، پيرين تان سرچوٽ
ڪر عفو "اشرف" کي، ڪڍ تنهن مان کوٽ کروٽ
*

خليفو نبي بخش لغاري ”قاسم“

جهجا ڏيج جِهار، مُنهنجا عالم جي آڌار
پانڌي پرين رسول کي، جهجا ڏيج جهار
آجو ڪريو احمدا! عاصي ڪؤن آزار
سگ پانهنجو سپرينّ! وارث ڪيم وسار
سگهو موٽج سيدا! سَڏ سُڻي سالار
رهي آهي روح ۾، پرين تنهنجي پچار
قاسم جي ڪونين ۾، سيد لهج سار
*

حسين فقير ديدڙ

اُڪنڍ مون اندر ۾ عرب جي ادا ڙي
وڃان شال جيئري حبيبن جي پاڙي
ساريوويٺي ساريان ۽ پل پل پڪاريان
هنجون روز هاريان ۽ نڪريو نهاريان
وڇوڙو ٿو مون کي سدا رت رئاڙي
ڏکي تي هو والي وري واڳ واري
هلان شال حاجين سان ڪرها قطاري
پسان پاڪ پچرو، وڃان لڪ لتاڙي
مديني وڃڻ لئه ويٺي آءُ واجهايان
پرينءَ جي پسڻ لئه ٿي پانڌي پڇايان
ٿمر ڪونه ساريان اهو سُورُ ساڙي
سٺي سوال منهنجا عرض تون اگهائين
اچي بارَ بَدين جا لحظي ۾ لاهين
"حسين" آهي هيڻو، ڳوڙها پيو ڳاڙي
*

خوش خير محمد هيسباڻي

پهري ميم سندي پوشاڪ
عرب ۾ ڏس احمد آيو
جنهن جي نور ظهور ڪيو، سارو ارض وسما افلاڪ
عرب ۾ ڏس احمد آيو
پسي حسن پنهنجي ڪي، موٺي پاڻ ٿيو مشتاق
عرب ۾ ڏس احمد آيو
مٿي تي محبوب جي سونهي چٽ سهڻو لولاڪ
عرب ۾ ڏس احمد آيو
خير محمد خوش ٿيو آهه، وحدت جا ٻڌي واڪ
عرب ۾ ڏس احمد آيو

*

حمل فقير لغاري

سيد سچا سردار تون
عالم سندا آڌار تون

ڪل مرسلن مهندار تون
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

بيشڪ رسول الله تون
بيشڪ نبي الله تون

بيشڪ حبيب الله تون
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

توکي قرب"قوسين" جو
صاحب آهين ثقلين جو

تون قرة العينين جو
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

توتي رحم رب پاڪ جو
توکي لقب لولاڪ جو

غم ميٽ مون غمناڪ جو
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

تو لئه زمين آسمان ٿيا
جن و ملڪ انسان ٿيا

تو سان وڏا احسان ٿيا
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

مرسل! توکي معراج ٿيو
تنهنجو ڪلي ڪم ڪاج ٿيو

آسان ڪل احتياج ٿيو
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

زينت نبين جو زيب تون
عاصين ڍڪيندڙ عيب تون

لاشڪ شفيع لاريب تون
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

آهين اکين جو ٺار تون
موليٰ سندو مختار تون

ڪٽندڙ ڪهين جا بار تون
ڪر مهر مون تي مصطفيٰ

(اقتباس)

پير مهدي شاهه

هيٺن حمايت، واهرو وسيلا

ماڻ ڪيو ڪا منير

ڏيل ڏڪايو ڏاڍو ڏوهن   ويتر لوڏيو چوهي چولين

آڌر ڏيج امير

ڪامل ڪاهي رسج قبر ۾   حضرت! حامي ٿيج حشر ۾

معاف ڪيو تقصير

پيش اوهانجي پيڙس پارس   واهه اسانجي ڪرڪا وارث

تو تي ڪرم قدير

مهدي شاهه ڪي مديني مرسل   آڌر اڳتي ڏيج تون اڪمل

سرور تارج سير

*

ميان سرفراز

رس غوث قطب گلزار، مٺا مل نور نبيءَ جا
شاهه محي الدين موچارا
اول نور نبيءَ جو پرور ڪيو پيدا
دامن لڳي تنهن دوست جي عاصي سڀ ڇٽندا

در تنهنجي تي دادلا، بيٺي ڪري آهون سدا
من جون مرادون ٿي پنان سي پچائين پاتشاهه

فرزند شاهه عليءَ جا گوهر گلزارا
حضرت حسن ۽ حسين سي اڙين آڌارا

سڪرات ۾ ”سرفراز“ کي بديون بخشيندا
مرڻ ويل مريض کي ڪلمون پاڪ پڙهائيندا
*

سيد خير شاهه حيدرآباد

جيءُ ڪرم ڪريو ڪلتاري
آءٌ ستر پنان ٿو ستاري
يا رب راضي ٿيءُ اسان تي، بخش بديون سڀ باري
پرور! پار اُڪارين، آءُ تان آهيان ڏڏ ڏوهاري

ٻيڙي پنهنجي ٻاجهه سان، سا تار منجهان تو اچي تاري
ٻڏل ڪڍي هيئي ٻاجهه سان، منجهان ڪنن قهاري
يارب العالمين! آئون تو در ڪريان ٿو زاري
والي پنهنجي واٿ تان، هي جا وانجهج ڪين ويچاري

"خيرشاهه" چئي خير جي، ڪرڪا موليٰ مهر موچاري
پيراندي پرين رسول جي، هئان ڪلمي ساڻ قراري
*

مخدوم امين محمد پکن ڏٽي

محمد مصطفيٰ ڪر ماڙ ميان
دلگيرن جا دلدار ميان
اول صديق صدق جو، ياور سنڌءِ هو يار ميان
عمر عادل دين جو، اڙين سنڌءِ آذار ميان
عثمان اڪمل آءٌ چوان ۽ حيدر ڪرار ميان
ڪنبائي ڪفران کي ڌڙ ڪان سسيون ڪيئين ڌار ميان
ٻيا مڙئي ڀھڳڻ ھئا، اصحاب ۽ انصار ميان
سر سدا صدقو ڪري، گھورون ڪيئون گھر ٻار ميان
عرض منھنجو احمدا! دائم سنڌءِ دربار ميان
ڇڏايوم ڇيَن ڪان، ڪم چڱا مون ڪار ميان
ھوس ھميشہ حرج ۽ بديءَ جي بازار ميان
وسيلا مون وڃڄ ڪيا سپ لا ابد لاچار ميان
آھي اميد"امين" جي، مدد ٿي ھرڪار ميان
توھ تنھنجي تي تڳان، دلبر اٿم درڪار ميان
*

شاه محمد ديڙ

سڻ سردار، هيءُ پڪار، هنون ڪار مديني
قسمت ڪار، پلي پار، نيئي مار مديني

تو در آه، لڳ الله، محمد شاه پلارا
چٿا چار، ڏسان يار، اکين ٺار مديني

سنجهه صبوح، اندر روح، جيرا جوش جلايا
نيٹن نار، وهن يار، اکين ٺار مديني

هيڻو حال، ٿيو بي حال، چڳي چال نه چلياسين
بدين بار، ٿيا اظهار، گنهگار، مديني

"شاه محمد" سندو غرض، پائي پاند پني ٿو
منهن ڏيکار، اي منٺار، مون هڪوار مديني
*

شاهه نصيرالدين”نصير“

تجلو پسان هڪ تار ۾، جاڳي تماشو طور جو
شب روز مون کي شوق انهن جو
ساراهه صفت سبحان ڪئي، سيدا! تنهنجي صحيح
ماڻهو پڙهن سڀ مَلڪ جن، مصحف تنهنجي مذڪور جو

طٰہٰ تنهنجي تعريف ۾، طومار جوڙيا ڏس جبار
توريت ۽ انجيل ڏس، ظاهر ذڪر زبور جو

ناگهہ نظر جنهن تي پيو، سو خيال اُن ۾ خوش ٿيو
شل حشر ۾ ٿئي حوصلو، سر انهن مخمور جو

هي ناز نرگس جا پسي، نياز مان آيو "نصير"
سو گل وري پيو ڪيئن پسي، گهايل اوهانجي گهور جو
*

فقير غلام حيدر تيرهيو

مير مديني جو موچارو
حامي ٿيندو هاشمي
اُپ تتو، پون ٽامڻي، ڪريو سج ڪارو
نفسا نفسي جو ٿيو، نيشان اُت نقارو
ڪونه سڃاڻندو ڪنهن کي، ماءُ نه پيءُ پارو
نڪو پير، نه ڏان ڪو، نڪو وسيلو وارو

لنگهائيندو لطف سان، پل تان پاڳارو
تان نه ڇڏيندو "تيرهيا" عاصين کي اڳ وارو
*

حسن بخش شاهه جيلاني

مير مٺا سائين عربي چام،
تنهنجو ثاني پيو ڪو نه ٿي ڄاڻان.

رب هب لي اُمتي پڙوسون
شاهه شفيع جو شوق وڌيوسون

دل ته جهلي ان دام
لائق، تو در ٿي ليلايان

مرسل، مئيءَ جي ڪج ڪا قسمت
مير مڪي جا، هاشمي حضرت

ورنهه وير ورِيام
عرب اڇڻ لئه والي واجهايان

مئيءَ ڪي مديني احمد آٽي
پاڪ حرم جو پريان پاٽي

خاص پين سپ عام
سيد، تو در سگ سڌايان

جاءِ اسان جي جنت البقيا
اتي اسان جا تهدل تڪيا

"حسن بخش" سيد سام
پارس پاند، ڳچيءَ ڳل پايان

فقير نواب ولي محمد خان لغاري

يا سردار عالم جا اجها　　　　ڪر ماڙ منهنجي سيدا
هر حال ٿي مشڪل ڪشا　　　　توفيق ڏي بهر خدا

رس يا رسول الله ﷺ

ختم الرسل سردار تون　　　　خاوند اڳيان مختار تون
آهين اڙين آڌار تون　　　　ڪٽندين ڪهن جا بار تون

رس يا رسول الله ﷺ

تلندا عمل ميزان ۾　　　　ٿيندو لقاءُ ميدان ۾
سڀڪو هوندو ارمان ۾　　　　مون کي رکج تون ڏيان ۾

رس يا رسول الله ﷺ

تنهنجي سخاوت جي خبر　　　　مشهور منجھ جملي بشر
سڀڪو سلامي تنهنجي در　　　　فضل عفو جي ڪري نظر

رس يا رسول الله ﷺ

تعريف تنهنجي جو بيان　　　　سمجهي ڏنم قرآن مان
ختم النبي آخر زمان　　　　مالڪ اهي هر دوجهان

رس يا رسول الله ﷺ

تنهنجي حسن ڪان ڪيترا　　　　جلوا وٺي مطلب رسيا
شمس و قمر کي ٿيو صفا　　　　چوڏهن طبق روشن ٿيا

رس يا رسول الله ﷺ

"ولي محمد" ڏينهن رات ۾ آهي انهي خيالات ۾
يا سيدا سڪرات ۾ ڏج ياد ڪلمون وات ۾

لا الٰہ اِلا الله محمد رسول الله.

*

مصري شاهه

عرب ۽ هند ۾ وهواه، سچي ايران ۾ وهواه
صفت سردار سهڻي جي، عجب قرآن ۾ وهواه

سچي سردار سرور اج ڏني صلوات سينگاريل
لکيل وڻ وڻ مٿي پن پن، ساري بستان ۾ وهواه
مڪي چائو مٺو مرسل، ٿيو سرتاج نبين جو
مسلمانن سندي دليئون، آيو ايمان ۾ وهواه

شهنشاهي سندس رتبو، آگي عزت ڪيس اعليٰ
چوي "مصري" لٿو ڪلمون، سندس ئي شان ۾ وهواه

*

احسان فقير

هن عرض جو غرض ڪر، سيد سچا سردار تون
مرسل محمد مصطفيٰ، آهين سندم آڌار تون

تنهنجي ڪنڌي ڏي ڪاهيان، تو در پيو ٿو دانهيان
ويرين ورايو آهيان، رسجين مٿا منٿار تون
مرسل مداحي سان ملي، هٿڙا رکو تنهن تي هلي
آن ڪان سري سپڪا پلي، دارو ٿئج دلدار تون

سڻ سوال سائل جو سدا، پوري ڪريو من مدعا
نرمل نبي نور خدا، حامي ٿئج هر وار تون
احسان تي احسان ڪر، گولي سندو ڪو مان ڪر
دشمن سندم ويران ڪر، گوهر مجج گفتار تون
*

آخوند لطف الله”لطف“

موٽ محمد مير------

ٻانهڙي ٿي ٻاڪاري

مشڪل ۾ رس مصطفيٰ، امت جا امير

مرضن وڌي آهيان ماري

پازياٽي پرڏيهه ۾، دردن ڪئي دلگير

سورن سين ڳڙ ڳذاري

هِتي هتي هاشمي، احمد! وقت اخير

پرتي اٿو پناري

لاهيو غم"لطف" چئي، وجان ملڪ ملير

سانگين ڪي دل ساري.

*

مير عبدالحسين سانگي

اصل سان ٿي اصل جي هي وصل واري رات اڄ
جنهن ۾ ڪيو معراج مرسل، سا سونهاري رات اڄ
آسمان آهي سچو سرو چراغان جي مثال
آهي تارن کان ٿي روشن واهه ساري رات اڄ

پاڪ آهي انتظاري کان ٿي ذات پاڪ، پر
منتظر هئي تنهن جي لاڻي انتظاري رات اڄ
نور کي بين السواد اڪثر چون اهل خرد
سا آهي معراج واري صاف ڪاري رات اڄ

آهي باطل هت رکن مخدوم خادم جو خيال
احد احمد جنهن ۾ ٿيو تنهن کان بهاري رات اڄ

سچ چون ٿا "ڪل شي راجع" ٿي آخر اصل ڏي
آهي محبوب الاهي جي سواري رات اڄ

دين جو غلبو پسي ۽ طنطنو ۽ طمطراق
سانگ"سانگي" جو ڏسڻ سان دل هيءَ ٺاري رات اڄ

*غلام محمد شاھ ”گدا“

خدا ڪيو خلق جو سرور محمد
پيارو پاڪ پيغمبر محمد
شفيع المذنبين خيرالخلائق
رسول الله دين پرور محمد
"ظهورش باعث ايجاد عالم"
اَڙين جو آسرو آذر محمد
ڪريم و ڪار ساز جمله عالم
امين و اشرف و اطهر محمد
"ز نورش هر دو عالم گشت روشن"
مہ و خورشيد کان انور محمد
"ڪلام الله نازل شد بشانش"
رئوف و راحم و رهبر محمد
احد احمد جي وچ ۾ ميم ويچو
ٻيو سڀ عرض ۽ جوهر محمد
اول آدم کان ان جو نور انور
اگرچه ڪيو ظهور آخر محمد
نبي، هاشمي، ابطحي نبوت جو صحيح مظهر محمد

رمضان فقير وايو

سيد سردار، نبي نروار
اوڪيءَ رس يا رسول الله
ڪيم صغيرا ڪيترا، ﭘيا جي ڪوڙئين ڪبيرا
لحظي منجھ لاهئين، منهنجا عيب اپار

مرض منهنجي من جا، آهن مڙيئي مونجهارا
درد ڳرا دڪڙا، ڪج دل ڪان ڪڍي ڏار
رس اچي"رمضان" ڪي، سختيءَ منجھ سڪرات
وجي ساھ سرير مان، ڪلمي جي به ﭘچار.

*

امام بخش خادم

وجي ٿي وڇوڙي ۾ سڀ زندگاني
منجھان مهر مرسل، ﭘسايو ﭘيشاني
گهڻا سال گذريا تنهنجي لاءِ سڪندي
ڪندي آھ و زاري ﭘني زندگي
وڇوڙي جدائي ۾ گذري حياتي
اندر ئي اندر آھ تو لئه حيراني
نه مٽ تنهنجو ﭘيدا ٿيو آ نه ٿيندو

ڏسان ڏيهہ ڪونه تنهنجو ڪو ثاني
اڇي عمر آخر ٿي آهي حبيبا!
ڏيو ڏاڻ، تنهنجو ڏسان ڏيهہ ڏاني
ٿئي شال سڪرات"خادم" جي سولي
وئي خام نِنڊپڻ، اچائي جواني
*

پير ڪمال نوشهرائي

اُمت جا آسرا انور
شافي هر دو جهان سرور
وسيلا واهرو واهر
مٺا محبوب مل مدني

پاجهارا ڏي پڏيءَ پانهون
ولهيءَ وييون سيئي واهون
رڙي روئي پچان راهون
مٺا محبوب مل مدني

داتا دردن سنديون دانهون
الله لڳِ آءُ اوراهون
پڌج عاجز سنديون آهون
مٺا محبوب مل مدني

فراقن دل ڪئي ڦارون
سڪايل جون لهو سارون
ڏيو دردن سندو دارون
مٺا محبوب مل مدني

ملڻ لاءِ مون مٺان ماتم   هنجون هاريان ويٺي هردم
هيڏيءَ سان هوت ٿي هردم   مٺا محبوب مل مدني

*

مننار فقير راڄڙ

مرسل محمد چام جي
آگي عزت اعليٰ ڪئي
نفسي نبي پڙهندا اُپا، جڏهن ٿيندي ويل قيام جي
چي يا اُمت اسين آهيون، احمد سچي امام جي
سختي قيامت جي سجهي ٿي، هل حشر هنگام جي
ماءُ پيءُ پڇي ٿيندا پري، تڏهن سيد جهليندو سام جي
وٺو راهه رسول جي، ڪٽي دين ۾ اسلام جي
ڪنجي بهشتن جي اٿو، ڪلمون نبيءَ جي نام جي
پارت پيغمبر کي هجي، "مننار" هن غلام جي
ته من قبر مون کي ملي، تنهن مديني جي مقام جي
*

مرزا قليچ بيگ

توکي ڪريان ٿو ياد آءُ ڏينهن رات يا نبي!
سهسين پڙهان سلام ۽ صلات يا نبي!
تون آهين نور حق، تون هنيٰ الله، تون رسول
تون مصطفيٰ،تون سيد، سادات يا نبي!
تنهنجا َملڪ سلامي ۽ تنهنجا فلڪ غلامي،
نت عرش ڪرسي، ارض و سماوات يا نبي!
خالق جو تون حبيب ۽ اُمت جو تون شفيع،
تون ابر رحم، بحر ڪرامات، يا نبي!
تو آئي هاشمي! ٿيو روشن زمين زمن،
ٿي ڏور جڳ مان ظلم جي ظلمات يا نبي!
عاصي ۽ عيبدار آهن تنهنجي آسري،
ڏيارين تنين کي عدن جا جَنات يا نبي!
ِهت هت تون مومنن کي رکين سرخرو سدا،
ماري منافقن کي ڪرين مات، يا نبي!
آهي تنهنجو نانءُ صبح شام وات ۾،
ليل و نهار تنهنجي اثم تات يا نبي!
آهي سدائين تو سندو دامن لڳو قليچ،
ڏاتر ڪان تنهن کي ڏيار وٺي ڏات يا نبي!

*

پير علي اصغر شاهہ”اصغر“

پرور ڏنس پيغمبري،
سالار ڪي سپ سروري.
شڪر جو آخر زماني جو نبي پيدا ٿيو
آگي عطا آن ڪي ڪئي، ڪيڏي رسالت رهبري
براق تي سوار ٿي، معراج تي مرسل ويو
صلوا عليہ سيني چيو، جن و مَلڪ، حور و پري
شرف وارا ٿيا فلڪ، شمس و قمر، اختر مريخ
تنهنجي سونهن روشن ڪيا،زحل، زهره، مشتري
ڪهڙي ڪري ڪهڙي ڪندو، سردار جي "اصغر" ثنا
هن زبان ناتوان ۾ ناهه طاقت ايتري
*

سيد”صالح“جيلاني راڻيپوري

مرحبا روحي فدا معراج واري رات اڄ
مرسل عربي جي آھ رب ڏي تياري رات اڄ

سرمو ما زاغ البصر جو اڄ پرين پائي ھليا
۽ اٿس والليل اذا جي زلفڪاري رات اڄ

مرحبا محبوب رب جو ٿيو خرامان ناز سان
دمبدم الله کي زائد شوقباري رات اڄ

رحمة للعالمين جي ڏسڻ لئه سڀ انبياءَ
مسجد اقصيٰ ۾ ڪن اختر شماري رات اڄ

شوق مان سڀ انبياءَ ڪنجڪ وٺيون چوندا ھلن
الحمد الله ڪئي اسان خدمت گذاري رات اڄ

جن و ملڪ، انسان سپ صلواتون پڙهيو بيٺا چون
واه پنهنجي دوست لئه، مولىٰ سينگاري رات اڄ

امت عاصين کي شفاعت جا پياري جام ٿو
اِنا اَعطينا عطا ٿيس، اختياري رات اڄ

سال ٿيا" صالح" کي غم ۾ سڪندي تولئه سيدا
صاحب المعراج ڪر ڪا غمگساري رات اڄ
*

علامه اسد الله شاه"فدا" ٺڪڙائي

ٿيو مون کي خيال مدحت خيرالوريٰ آهي
سرير ڪلڪ کان پيدا صدا صلي عليٰ آهي
چمن ۾ نعت گوئي جي هي طوطي طبع منهنجي جو
بذڪر پاڪ ختم المرسلين ٿيو خوش نوا آهي
محمد برگزيده بارگاه ڪبريا آهي
محمد انبياءَ ۽ مرسلن جو پيشوا آهي
محمد باعث ايجاد عالم خلقيو خالق
محمد ڪشور لولاڪ جو مالڪ ادا آهي
محمد جي مهابي عفو ٿيو عصيان آدم جو
محمد نوح جي طوفان ۾ ٿيو نا خدا آهي
محمد جو مبارڪ نام آهي روح جي راحت
محمد جو مبارڪ ذڪر دردن جي دوا آهي
محمد جا ٻئي گيسو ٿيا واليل جو تفسير
محمد جو رخ انور سراسر والضحيٰ آهي
ٻڌي هيءَ نعت منهنجي باغ جنت ۾ چيو رضوان
هزارين آفرين صد مرحبا توکي"فدا"آهي

*

حاجي احمد ملاح

چئو صل عليٰ، سيد، سردار محمد
اڄ آهه ڪئي دين جي درٻار محمد
اصحاب ستارا ته قمر شمس قريشي
هر پاڪ نبي گل، گل گلزار محمد
مسڪين وٺن دين جي تلقين نبيءَ کان
ٻولي ٿو عجب سر ۽ اسرار محمد
درگاهه وڏي جاهه سين، الله احد جي
دعوت ٿو ڏئي دين جي دلدار محمد
ڏينهن رات، ٻتن ٻات هجي وات ٻين جي
الله ۽ الله جو اذڪار محمد
قرآن در مرجان، مثل جان جسم لئه
گلزار گل و گوهر گفتار محمد
آرام صبح شام، احد نام سين احمد
صلوات پڙهان سؤ سؤ صد بار محمد
*

مرتضائي نٿوي

خلاق مڪو خلق تي سلطان محمد
دارين ڏٽي، دين ۽ ايمان محمد

احمد کي بلاميم احد سڀڪو ٿو سمجهي
هي ميم مجازي ٿو رکي مان محمد

ري عين عرب آهي، بلا ريب ٿيو رب
هي عين رکي ظاهر عرفانِ محمد

موجود فلڪ ارض ڏسو نار جنان ٿيو
باعث وجود جان ۽ بي جان محمد

سڀ عالم و آدم ٿو رهي هن جي سبب سان
ظاهر ٿو رکي صورتِ انسان محمد

سڀ دين مذاهب تي سندس دين ڪرارو
بي دين ڏسي ڪيئن جو رکي شان محمد

هن بارگاه قدس ملائڪ مطيع ڪيا
جبرئيل امين آهي سو دربانِ محمد

صلواة ۽ سلام لکي ان مٿي درود
واڪاڻ ڪان وڏيڪ رکي شان محمد

مون"مرتضائي" صدق سچي ساڻ قبوليو
اديان ڏسي، دينِ خدا دان محمد

*

محمد هاشم ”مخلص “

خالق جي زير حڪم ٿيو فرمانِ مصطفيٰ
روح الامين آهه ثنا خوان مصطفيٰ

آدم جو ٿيو جبين ڪان عيان، شان مصطفيٰ
جڏهين ٿيو جلوه گر نور درخشانِ مصطفيٰ

ليل ونهار، شمس وقمر، هفت آسمان
هر دم ٿين ٿا شوق مان قربانِ مصطفيٰ

احمد جو نور موجب بنياد خلق آهه
سارو جهان ٿيو بنده احسانِ مصطفيٰ

ڪرسي و عرش، لوح و قلم، ارض و آسمان
حور و مَلڪ ٿيا تابعِ فرمانِ مصطفيٰ

بوبڪر يار غار، عمر ٿيو مشير ڪار
عثمان ٿيو نورِ شمع شبستانِ مصطفيٰ

شيرِ خدا ٿيو حيدرِ ڪرار لا فتيٰ
بابِ علومِ شرع دبستانِ مصطفيٰ

خاتونِ خلد فاطمه زهرا بتول پاڪ
نورِ نگاهلختِ دل و جانِ مصطفيٰ

سبطين نور جنهن نبي جا
بيشڪ اهي ٻئي سروِ

حسن حسين گلستان مصطفيٰ
"مخلص" کي جان دل کان يوسف جمال جيڪي
زياده عزيز ٿيا غلامانِ مصطفيٰ

لال چند "مجروح"

ڪئي مون ڪانه ڪا آهي ڪمائي يا رسول الله
قِران ٿو پيو سدا در در اجائي يا رسول الله

وظائف نا تلاوت ٿي، نه ڪائي اجائي عمر مون ساري
بندگي آهي وڃائي، يا رسول الله
شهيدِ ڪربلا صدقي، اچي قيامت قبر ۾ ڪر تون شفائي
ڪر ماڙ ڪا منهنجي يا رسول الله
ٻڏي ڪشتي وئي منهنجي، اچي رس تون ڪري هٿڙي
گناه بحر ۾ آهي پلائي يار رسول الله
ڪٿي ڪهڙو مٿي منهڙو ڪيم هٿڙي اچي دردن گدائي
ٻڌايان حال مان پنهنجو يا رسول الله
ويو مسڪين جو آهي پلا هٿڙي اچي ڪر تون
سچوئي قلب هي ڪنجي صفائي يا رسول الله

اچي"مجروح" کي دلبر شرابِ عشق جي پيارين
هٿون پنهنجي سخي سرور سوائي، يا رسول الله

*

قادري غلام عباس جوش

واه هئي معراج جي چا رات روشن حبذا
جو گهرايو شوق کان محبوب پنهنجي کي خدا

مسجدِ اقصيٰ کان نڪري ان جي خدمت ۾ ملائڪ
آسمانن تي ويو انبيا حاضر ٿيا
سر نوائي با ادب سيني ڪيو ۽ چيائون مرحبا! اي بادشاهٖ
ان جو سلام دوسرا
حڪم انسانن کي ٿيو ايمان آڻيو سو اکن سان ٿئي ڏٺو سڀ
غيب تي ڪجهه محمد مصطفيٰ
جنت الفردوس، حورون ۽ قدرتِ قادر ۽ شانِ ذوالجلالِ
ملائڪ، سلسبيل ڪبريا
منزلِ ناسوت ۽ جبروت کان ات وڃي پهتو جتي پهچي نه

ويو سو لنگهي | عقلِ انبيا
ان تي عاشق هو خدا ۽ هو | چا چوان اي ”جوش“ انجو
سو معشوقِ خدا | شان هو شانِ خدا

غلام سرور فقير

يا مير مرسل مصطفيٰ صلوات توتي سيدا
محبوب ذاتِ ڪبريا، صلوات توتي سيدا

اي منبعِ جود و سخا، اي | بحرِ ڪرم ابرِ عطا،
صاحبِ علم وحيا | صلوات توتي سيدا
هي ڳالهه آهي برملا، راهه | تون ذاتِ حق ۾ ٿين فنا،
هديٰ ئي رهنما | صلوات تو تي سيدا
معراج جي شب جا بجا، | چا شان معشوقِ خدا،
مَلڪن چيو سبحان الله | صلوات توتي سيدا
ڪوثر جي پاڻي سان زبان، | رخ تنهنجو آ شمس
ڌوئي سندءِ نالو وٺان | الضحيٰ، صلوات توتي
هت هت مٿي ۽ چارسو، | سيدا
شهرو آ تنهنجي سونهن جو | بس از ثريا تا سرا،
تو آن شفيع المذنبين، سالار | صلوات سيدا

جمله مرسلين		خيرالبشر، خيرالوريٰ
مان تنهنجي دامن آ وتي، توتي		صلوات توتي سيدا
فدا اَمي اَبي		لهندين خبر روزِ جزا،
پرتئه"فقير"عاصي گدا،		صلوات توتي سيدا
تون ميٺ ان جي سڀ خطا		هٿ تنهنجي ۾ آهي شفا،
صلوات توتي سيدا

*

محمد بخش "واصف"

نه هڪ آهيان عزيزو مان ته ديوانو محمد جو
خدا جو ملڪ سارو آهه مستانو محمد جو
جلائي جان ٿو پنهنجي اُچل ڏي دين احمد تي
پياري پرت سان آهي جو پروانو محمد جو
شرابِ معرفت جا جِت پيالا پر ڪري پيتؤن
اِلاهي سو رکي آباد ميخانو محمد جو
مديني جي گهٽي خلدِ برين کان آهه ٿي اعليٰ
رکي ٿو عرش جو عالم ته ڪاشانو محمد جو
مسلمان آهه جي هندو ڪو عيسائي يهودي جي

زبان تي هر ڪنهين جي آهه افسانو محمد جو
جهليندا انجي دامن کي اچي جت انبيا"واصف"
عيان محشر ۾ ٿيندو شان شاهانو محمد جو

*

علي محمد"قادري"

آهي امت کي خوشي رحمتِ باري آئي
يعني گلشن ۾ محمد جي سواري آئي
شاهدِ گل جي گلستان ۾ عماري آئي
نيست مان هست ۾ سڀ خلقت ساري آئي
تنهجي جا عشق م بدنامي خواري آئي
"قادري"دل جي چمن ۾ ته بهاري آئي

بلبلن کي ٿي چوي اڄ چاهه مان بادِ صبا
يا نبي نور تنهجي ذات خدا مان ڪيو ظهور
منهنجي هن قلب جي ڪَس واسطي آهي صيقل
تنهجي رحمت جي خبر بادِ صبا گل سان ڪئي

حاجي محمود "خادم"

چا ڪري سگهندو بيان ڪو شوڪت حضرت رسول
ري خدا ڄاڻي نه ڪوئي عظمتِ حضرت رسول

سو ڇڏي پاڻهو خدا جو دوستو آهي ضرور
جنهن ڪئي هيڪر زيارت تربتِ حضرت رسول

رخ سندس والشمس وانگر، وار پڻ والليل جيئن
۽ الف آهي سدائين قامتِ حضرت رسول

چشم طاها ۽ در دندان، يٰسين جي جهلڪ
الغرض مصحف سچو آ صورتِ حضرت رسول

اُمتي ان جو سڏائڻ فخر موسيٰ جو ٿيو
۽ اچي عيسيٰ به ٿيندو اُمتِ حضرت رسول

ڪئي ڪشش مونکي گناهن گرچه دوزخ ڏي گهڻي
پر ڇڪي جنت ۾ آندو رحمتِ حضرت رسول

يا خدا تو بخش هي"محمود" ۽ راحت ۾ رک
حشر ۽ دنيا ۾ صدقي شفقتِ حضرت رسول

نواز علي "نياز"

انسان کان چا ٿيندو بيان شانِ محمد
خود پاڻ خدا آهي ثنا خوانِ محمد

خالق جي اطاعت جان نبيءَ جي به ٿي واجب — فرمانِ خدا آهه جو فرمانِ محمد
سردار ملائڪ ٿا چون ان کي جڏهن ٿيو — جبرئيل امين خادم و دربانِ محمد
منجهه چاهه زليخا جو عزيز ئي نه رهي ها — يوسف هي ڏسي چاهه زنخدان محمد
عيسيٰ ٿو محمد کي سڏي رشڪ مسيحا — دائود ٿو خوش ٿئي ٻڌي الحان محمد
چاچا نه مليون نعمتون محبوب خدا کي — اسلام ۽ ايمان ۽ فرقان محمد
صلوات "نياز" عجز سان پڙهه صبح و مسا جي — محشر ۾ گهرين سايئه دامان محمد

نعتيه ڪلام

نعتيه ڪلام

مُنهنجَي عِشقَ جوَ يَامَ مَحبُوبِ خدَا، آغَازبه ٽُون اَنجَام به ٽُون

منهنجَو طِاعَتِ ملت، مَذهَب تون، مُنهنجَو دِين به ٽُون اِسلام به ٽُون

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

منهنجي عشق جو يا محبوب خَدا، آغاز بهَ قِون انجام به
تون

منهنجو طاعت، ملت، مذهب تون، منهنجو دين به تون،
اسلام به تون

آهين آس به تون، اميد به تون، پيو ڪين ڏنو سوا تنهنجي
مون

منهنجي قرب جو ڪعبو، قبلو تون، منهنجو حج به تون،
احرام به تون

هر شيءَ ۾ تنهنجو حسن ڏٺم، سڌت ڪان سوا ٻي ڪا نه پيم

منهنجو اڳ به تون پوءِ به تون، منهنجو صبح به تون ۽
شام به تون

آهي دل ۾ هڪڙي تات مٺا، ۽ وات ۾ تنهنجي بات مٺا

منهنجو مقصد تون، منهنجو مطلب تون، منهنجو ساقي تون ۽ جام به تون

آهين رونق باغ جهان جي تون، هر روز سندءِ حسن آهه فزون

صياد به تون، دام به تون ۽ گل پي تون، گلفام به تون

آهين حسن ازل جو راز به تون، قدرت جو ناز، غماز به تون

محبوب به تون، مطلوب به تون، قاصد پي تون پيغام به تون

ڇا عظمت شوڪت ۽ سطوتم بي مثل وري تنهنجي رحمت

منهنجو درد به تون منهنجو سوز به تون، راحت پي تون آرام به تون

دربان سندءِ ٿيو روح امين، ايوان سندءِ فردوس برين

مون عاشق بيدل جو شاها، بس ننگ به ڦِون ۽ نام به تون

ٻيو منهنجي نظر ۾ ناهي ڪو، منجھ هر دوجهان آهين
”طالب“ جو

سردار به تون، سرڪار به تون، ارشاد به تون، احڪام
به تون

*

سجهي ڪو نه سَر (1) ۾ سچڻ تنهنجو ثاني

ڪئي تنهنجي افضل خدا خانداني

مروت، مودت سندءِ آھ شيوو — مسلمان ٿيا ڪئين ٻڌي خوش لساني

تون آئين پچاڙي ۽ اڳواڻ اڳين جو — تون قانون قدرت جو باني مباني

خدا کي چئي حل ڪر مشڪلاتون — ٿين دفع شل شورشون سڀ ۽ شاني(2)

ٿيو عرش اعظم تي ديدار توکي — جواب آيو موسيٰ جي لئه لن تراني

ڪلامِ خدا تو وٽان ٿي ٿيو ظاهر — تون ٿي نڪته دان تون ٿي صاحب معاني

هي مولا جو طالب سنڌءِ به آهه طالب

تون منهنجو به جاني، جهانن جا جاني

*

فيض بخشاپوري

آئينهء حق حامل قرآن محمد

يزدان جو قسم مظهر يزدان محمد

الله سر عرش ثنا خوان محمد
چا صل عليٰ مرتبه و شان محمد

هر چيز ۾ آ نور نهان روح جي صورت
هي ڪون و مڪان جسم آهي جان محمد

هي ارض وسما شوخيء گفتار ڪان پيدا
هي ڪن فيڪون ڪنهن جو آ فرمان محمد

آ فخر نبوت جي نبين جو آ نبي
انسانيت کي ناز جو انسان محمد

ڪعبي جي طرح عرش برين ناصيه فرسا
هر نقش قدم منزل عرفان محمد

خورشيد جهان پرتو عڪس رخ انور
آ نقش قدم روضئه رضوان محمد

فرخندگيء مطلع انوار
تابندگيء چهره تابان محمد

الاهي جبريل امين تنهنجو آ دربان

قرآن پي تنهنجو آ، خدائي پي، محمد

خدا پي انسانيت تي تنهنجو آ

امي لقبي تو ڏنو آ درس احسان محمد

حقيقت چا حيثيت تخت سليمان

بوسه ٿو ڪف پا ڪان وٺي محمد

عرش معليٰ درد دل عيسيٰ جو پي

آ سرور ڪونين مسيحا درمان محمد

جو مسيحا آ بدرقه و سرور سلطان

فرمان خدا آ جو رسولان محمد

خدا جو مانع آ مگر شريعت و قرآن

سجدو آ روا، مفتيان عشق محمد

جي فتويٰ دريا ۾ نهان موجئه طوفان

هرچند خدا ناهي جدا ناهي محمد

خدا ڪان ٿو ”فيض پئي باده عرفان

ميخانئه توحيد جو هي رند محمد

قلندر

ٿيا سايه فگن ابر ڪرم، مهر قيامت

آ فيض تو سايئه دامان محمد

اظهر گيلاني

جڳ جو رهبر، جڳ جو سرور ﷺ

ساقيء ڪوثر، شافع محشر ﷺ

ابر رحمت، بحر سخاوت،
ڪان مروت، شافع امت
وارث جنت، قاسم ڪوثر
صلي الله عليہ وسلم

منزل طہ، سائر اسريٰ،
معدن يوحيٰ، حق جي
منشا
شاه والا، سڀ جو افسر صلي
الله عليہ وسلم

انجو ثاني، ڪٿي پيوشاني، حق جو جاني، حق جي نشاني
دين جو باني دين سردار صلي الله عليہ وسلم

حق جو مظهر، پاڪ و
اطهر، روح داور، نورجو
پيڪر
سڀ کان بهتر، سڀ کان
برتر صلي الله عليہ وسلم

ڪلمي وارو، سڀ کان پلارو، جڳ جو پيارو، جڳ جو
سهارو

نور نيارو، حق جو دلبر صلي الله عليہ وسلم

حق جي منزل، رونق محفل، حل مشڪل، اڪمل ڪامل

ميٺيو باطل، حق جي رهبر صلي الله عليہ وسلم

رشڪ عيسيٰ، رشڪ آهي يڪتا، شافع
موسيٰ، مالڪ دنيا، محشر صلي الله عليہ وسلم
وارث عقبيٰ

تنهنجو ذاڪر، باطن ظاهر، صابروشاڪر، اديب و شاعر
نظم تي قادر، آهي ”اظهر“ صلي الله عليہ وسلم

سردار علي شاه

تنهنجي سونهن بنا   جڳ ۾ اونده انڌوڪار
سرڪار   تنهنجي سونهن
سج چنڊ ڪتيون ٿيڙو   سنواريا سارا
تارا   آندو توکان روپ اُڌار
جيڪي چمڪن ٿا   ساري جڳ جي سونهن
چوڌار   وڌائي
حسن تنهنجي خيرات   جنهن کان هنڌ هنڌ ٿي
ورهائي   هبڪار

توکان آئي بوءِ بهار
چوڏس چمڪا نور نظارا
هي گل ڦل هي گلزار
رحمت تنهنجي رنگ رچايو
لڏي سارنگ جڳ جي سار
جلوا جڳمڳ نور نشاني
هڪ صورت پيو سينگار
ٻول تنهنجا اڻ مول وڻن ٿا
تنهنجي گنجينو گفتار
سائل تو در آهه سوالي
هيءُ لاغر ۽ لاچار

من موهيندڙ پيارا پيارا
تنهنجي روپ جا رنگ هزار
ساوڻ جو سپني تي سايو
ٿي ويا برپٽ باغ بهار
ساٿ سڄڻ تنهنجا سلطاني
جنهن تان ٻئي جڳ ٻلهار
مک مان چڻ پکراج چڻن ٿا
جنهن ۾ هيرا لعل هزار
راحم ڪج ان جي رکوالي
تنهنجي سام پيو سردار

حرمين جو سفر

عطا محمد حامي

(1)

مڪي جي شهر ڪي جو پري کان ڏٺو اکين
الفت جو احترام جو سجدو ڪيو اکين

هن پاڪ سرزمين تي پنهنجو قدم رکيم
پنهنجي دلي مراد جو دامن پري چڙهيم

داخل ٿيس حرم ۾ ته اکڙيون نري پيون
جيڪي سَڌُون هيون سي گهڙيءَ ۾ مري ويون

هر هڪ معاملي کي وساري ڇڏيم هتي
حرص ۽ هوا جي ڳالهه کي ڳاري ڇڏيم هتي

اولاد يار دوست دلارا پُلي ويس
جن سان اٿم پريت سي پيارا پُلي ويس

خود کي ڏٺم ذليل خدا جي حضور ۾
بندو گناهگار سراپا قصور ۾

هر هڪ ذرو هتي جو صفا طور ٿو ڏسان
ساري حرم ڪي نور عليٰ نور ٿو ڏسان

سارو حرم خدا جي عبادت جي جاءِ آ
سچ پچ ته آدمي جي سعادت جي جاءِ آ

ڪعبو ڏنم ته ڪوڙ جا پردا ڦٽي پيا
هن نفس نامراد جا ڪنڊا ڪچي ويا

هر ڪنهن ڪي پنهنجي پنهنجي گناهن جو بار آ
روئي ٿو هر ڪو پار ڪيڏي بيقرار آ

فضل ۽ ڪرم جو خير وٺن ٿا ڪريم کان
دل سان دعا گهرن ٿا غفور ۽ رحيم کان

پهتس هتي ته لوڪ جا ناتا ٽٽي پيا
دل ۾ خدا جي ياد جا غنچا ڦٽي پيا

هي يادگار آهي ذبيح ۽ خليل جو
هي شاهڪار آهي خدائي جليل جو

الله جي رسول جي سجدي ڪرڻ جي جاءِ
حق جي امام پاڪ علي جي ڄمڻ جي جاءِ

اصحاب فيل ڪاڻ ابابيل ٿيا ڪٺا
هاٿين سندا هجوم هتي جن ڪيا فنا

هن جاءِ تي نبي کي ستايو قريش هو — ڪنهن جي مٿان حضور کي آيو نه طيش هو
طرفن جي ڪا تميز هتي ڪين ٿي رهي — هر سمت کان سپن کي ٿو ڪعبو نظر اچي
چار ئي طرف هتي ٿا اچي پاڻ ۾ ملن — ڪثرت مٿائي پنهنجي ٿا وحدت ۾ هڪ ٿين
حاجي طواف ۾ ٿا رهن مست ۽ مگن — ڪاري پٿر کي چاهه منجهان ٿا چميون ڏين
هر هڪ مقام تي ٿا خدا جي اڳيان جهڪن — دل سان مٿو جهڪائي ٿا اقبال جرم ڪن
مروه صفا جي وچ ۾ ڊڪي ۽ دعا گهريم — سمجهي عظيم فرض هي سنت ادا ڪيم

پٿريون ڪٽي ٿلهن کي چٽي مون رمي ڪئي — ٻڪرو وٺي خدا جي حوالي ڪيم ڪُهي

احڪام جي منيٰ جا ۽ عرفات جا هيا — پورا خدا جي فضل و ڪرم سان سپئي ٿيا

هڪ درد خاص دل کي عطا ٿي ويو هتي — دنيا جو رنج روح کان وسري ويو هتي

هن درد جي مزي جو بيان ٿي نٿو سگهي   هي ذائقو قلم سان ته لکجي نٿو سگهي

هي قال ناهي حال جون ڳالهيون ڪيون اٿم   محسوس جي ٿيون اهي دل سان چيون اٿم

(2)

مڪي جو شهر شان شرف ۾ اُم القريٰ   چامن جو چام چائو جتي مير مصطفيٰ

واهڻ به آهي شهر به آهي ِسٽي به آ   فطرت ۾ ڪيڏي سخت هتان جي مٽي به آ

آدم جو بت بڻيو هو هتان جي مٽي منجهان   سجدو ملائڪن به ڪيو هو خوشي منجهان

بنجر زمين آهي جتان ڪجھ نٿو ملي   هر چيز ٻاهران ٿي گهرائي وڃي ِهتي

هي سر زمين آهي پهاڙي علائقو   آثار فصل جو ڪو نظر ۾ اچي نٿو

ڪن وادين ۾ شوخ وڏا
شيخ ٿا رهن
باغن جي تات سنڌ جا ماڻهو
اچي ٿا ڪن

حاصل ٿئي ٿي تيل جي
پيدائش ايتري
هر ڪنهن کي روزگار
تجارت ۾ ٿو ملي
تعليم ۽ علاج هتي مفت ٿا
ملن
دنيا سڄي جو مال اچي ٿو
سگهي هتي
مفلس عرب جي مٿ نه
اسانجو رئيس آ
پنجاب هند سنڌ منجهان ۽ يمن
منجهان

ٿڪري زمين جي ۾ پلا
باغ ٿا رکن

شيخن جي نوڪري ۾ هتي
ٿا اچي رهن

پئي ٿي نه گهرج ڪائي
حڪومت کي ٽئڪس جي
محصول ڪنهن طرح جو
حڪومت نٿي وٺي
پيون سڀ سهولتون ٿا هتان جا
عرب وٺن

محصول جي بغير هلي ٿو
سگهي هتي

آڏو انهيءَ جي پنهنجو
وڏيرو خسيس آ
ماڻهو اچي لڳن ٿا هتي
روزگار سان

عربن جي نوڪري يا ذلت جي زندگي ۾ اچي ٿا
مزوري ٿا ڪن هتي رهن هتي
پورهئي ۾ عيب ناهي مگر ٻئي ملڪ ۾ وڃي نه وطن
شان سان ڪجي ڪي لڇائجي
دل جي حضور ساڻ هتي چائنٺ چمي رسول جي
حج ڪرڻ کپي موٽي وڃڻ کپي
پنهنجي وطن ۾ پنهنجا سپئي الله ۽ رسول جا ٿورا مڃڻ
حق ادا ڪجن کپن

(3)

قربان گاهه ۾ جو ويس ميل بي انت بي شمار هيا جانور
هو متل ڪٺل
ڏاندن اُٺن ڳئن جي ۽ ڏاچين ٻڪرن گهٽين رڍن جي ۽
جي حد نه هئي ٻڪرين جي حد نه هئي
ڦٽڪيا ٿي ڪي ته ڪن ٿي ويا هئا گهڻ جا ته پورا
ڪي چين تي اچا هو ساه اڳئي پساه
موجود جانور ها وڪامڻ الله جي حضور اگهامڻ جي
جي واسطي واسطي

ساڻين تي ڪات وهندي　　مردا لڳا ٿي پاڻ به خوف ۾
ٿنائون اکين اڳيان　　هراس ڪان
ڪن جا پٽيل ها ولت ۾ باهر لڪيون　　ڦوڪيل هو پيٽ ڪن جو ۾
هين　　ڪن جو پٽيل هوتن
ڪنهن کي هيو نه ڏڙ ته سسي　　جيرو هيو نه ڪنهنکي
ڪنهن کي ڪين هئي　　بڪي ڪنهنکي ڪين هئي
هر ڪنهن ڪيو ٿي گوشت ٽڪر　　ڪاڏائين ٿي انهيءَ کي وجي دل
پنهجي شوق سان　　جي نوق سان
هڪ ٻئي مٿان سٽيل ها لڪين جاور　　هئي ايتري ته بانس جو آئي ٿي
ڪلي　　منهن اٿل
ٻلبوزرن چڪي ٿي ڪلي جاور　　گهلي سيئي ٿي آگ حوالي
ڪيا　　ڪري چڙيا
هي گوشت ڪنهن به ڪم لچي　　بي سود ناس ٿئي ٿي بچي
ڪين ٿو سگهي　　ڪين ٿو سگهي
اسڪيم ڪا هجي سڪائي　　ڪنهن خير جي عمل ۾
ها گوشت کي　　لڳائي ها گوشت کي

(4)

ٿي ٿلهه ڏنم منيٰ ۾ جي بيٺا ها   حاجين پٿر هنيا ٿي انهن
چپ ڪري   کي ذري ذري
جمرو انهن تي نام نپاڳو   شيطان پي انهن کي ٿي هر هر
رکيو سڀن   سڏيو سڀن
نندي وڏي انهن تي ٿي   پٿر لتر پتر ٿي انهن صبر
حملا وڏا ڪيا   سان سٺا
جمرن کي ڪنهن طرح به   حجاج ڪان انهن کي ڇڏائي نٿي
بچائي نٿي سگهيس   سگهيس
اُبتڙ ڪڏهن به عقل جي   اڻڄاڻ ٿي مڃڻ جو ته
مذهب اسانجو ناهه   مشرب اسانجو ناهه
هوندو ڪو راز ان ۾ نٿو   سڀ ڳجهه خدا جا ڪوئي به
سمجهه ۾ اچي   ڄاڻي نٿو سگهي

(5)

ڪعبو ڇڏي مديني جي بس   دل سان درود پاڪ نبيءَ
تي چڙهي هليس   تي پڙهي هليس
گهٽبو ويو ٿي فاصلو ڪثبي   وڌندو ويو ٿي پاڪ حرم جي
وئي ٿي راهه   چمڻ جو چاهه

جڏن جڏن ٿياسون شهر مديني   جذبات منهنجي دل جا نچڻ
کي ويجهڙا   ۽ ٽپڻ لڳا
احساس ٿيو ته عيد اُجايل   سجدو سخي جي در تي سڪايل
اکيون ڪنديون   اکيون ڪنديون
موليٰ جي فضل سان   محسوس ٿيو ته عرش عليٰ تي
مديني رسي ويس   رسي ويس
نيلن تي پئي نگاهه نشو نينهن   قلب ۽ نظر حضور تي
جو چڙهيو   صل عليٰ پڙهيو
مسجد رسول جي ۾   محسوس ٿيو ته ساري
رسائي نصيب ٿي   خدائي نصيب ٿي
داخل ٿيس حرم ۾ ته   اهڙو قرار جنهن ۾ هئي
حاصل ٿيو قرار   درد جي لغار
هڪ درد خاص جنهن   دنيا جي ڪنهن به چيز ۾
جو نرالو هو ذائقو   ناهي اهو مزو
دنيا جا درد دور ڪري   ظلمات کي به نور ڪري ٿو
ٿو هي درد خاص   هي درد خاص
هن درد خاص روح کي   الله جي رسول جي الفت
راحت عطا ڪئي   عطا ڪئي
الفت رسول جي ۾ اطاعت   نالو وڻڻ نبي جو عبادت

خدا جي آ
اڳتي وڌيس ته سائي قبي ۾
لنگهي ويس
ظاهر ظهور نور عليٰ
نور کي ڏسي
رڳ رڳ ۾ روح، خون ۾
گرمي ملي وئي
بي انت بي شمار ڪرم
ڏيا ڪريم جا
چائث چميم حضور جي
طاري ٿي بيخودي
جلوو رسول پاڪ جي
جالي جو مون ڏٺو
سجدن ڏنو سُرُورُ تلاوت
ڏنو مزو
هن جاءِ تي جهڪن ٿا فرشتا
ادب ڪري
آهي ادب جي جاءِ سنڀالي
هلڻ ڪپي

خدا جي آ
جنت رياض جنهن کي
چون ٿا اتي پهچي ويس
چاڙهي ٿو لا شريڪ ته ٻئي
نيڻ پيا ٺري
مقصود جي مراد جي
مکڙي کلي وئي
ڳايان ٿو ڳڻ هميشه غفور ۽
رحيم جا
ڪا چيز ڪائنات جي
مونکي نه ياد پئي
منهنجو دماغ عرش عليٰ
ڪان مٿي ويو
وسري نٿون هتان جي
عبادت جو ذائقو
الله پي پڙهي ٿو صلواتون
رسول تي
حجت چڙهي حضور جي در
تي جهڪڻ ڪپي

قلب و نظر کي روح کي هت   احساس کي خيال کي
روشني ملي   پاڪيزگي ملي
فضل و ڪرم جو، رحم جو،   ڏوئي ڇڏي ٿو عيب، خطا ۽
درياه ٿو وهي   گناه کي
آرمگاهه آهي خدا جي   اميد گاهه آهي اسان جي
حبيب جو   نصيب جو
بدڪار بدنصيب گنهگار   عاصي جو عيبدار جو
جو اجهو   عاجز جو آسرو
اميد آهي مان به هتي   الله جي رسول جي صدقي بچي
بخشجي وڃان   وڃان
منهنجون خطائون انجي عطائن   منهنجي نصيب سان نه ٿيندي نه
اڳيان خسيس   ڪنهن جي ريس
اميد آهي ته ٿيندي عنايت   محشر ۾ هوندي مون تي
رسول جي   شفاعت رسول جي

(6)

ان تي درود جيڪو پيارو   ان تي سلام جيڪو سهارو
سپن جو آ   سپن جو آ
ان تي درود جيڪو يتيمن   ان تي سلام جيڪو غريبن

جو خاص يار جو غمگسار
ان تي درود جنهن تي خدا ٿو ان تي سلام جنهن جو ٿيو
پڙهي درود ڪارڻي وجود
ان تي درود ان تي سلام ان جي ڪري زمين تي پهچن
ان تي رحمتون ٿيون برڪتون

هر درد جو علاج درود ۽ سلام آ

هر چيز کان لذيذ محمد جو نام آ

*

---

(1) ”سيرت ابن هشام“

(2) ”تاريخ واقدي“:- محمد بن عمر واقدي، جلد 4.
”تاريخ طبري“:- جلد اول، حصه 3،عهد رسالت.

سيد ڪمتر نقوي

زبان خوشتر ڪٿان آڻيان، بيان بهتر ڪٿان آڻيان
هجن جي ڪير ۾ ذوتل، اُهي گوهر ڪٿان آڻيان
قلم ڪهڙي هجي وڻ جو، لکڻ لئه مس هجي ڪهڙي
اهو طوبيٰ ڪٿان آڻيان، اهو ڪوثر ڪٿان آڻيان
زمين و فلڪ جا چوڏهن طبق، مدحت لئه ناڪافي
آهيان مجبور جو ايڏو وڏو دفتر ڪٿان آڻيان
بلندي مرتبت جي عرش اعظم کان گهڻو بالا
ڏسڻ کان ماورا جيڪو، اهو منظر ڪٿان آڻيان
جتيِ هن ۾ ۽ ُهن ۾ فرق هئي هڪ ميم جو باقي
انهي نڪتي هنداڻ لئه، دلِ مضطر ڪٿان آڻيان
خرد ادراڪ کان عظمت گهڻو ارفع گهڻو اعليٰ
رسي تن رفعتن کي فهم سو برتر ڪٿان آڻيان
مئي حب محمد جا پيا دريا وهن مون وٽ
مگر مستن ۽ متوالن جي لئه ساغر ڪٿان آڻيان
چريو ”ڪمتر“ کي جيڪي ٿا چون سي سڀ سچا آهن
هتي سڀ هوش ويا گم ٿي عقل آخر ڪٿان آڻيان

حافظ خير محمد اوحدي

مٺو مرسل محمد مصطفيٰ منٺار بسم الله خدا جو دادلو، دلدار، دلبر يار بسم الله

اڙين آڌر، ولهين واهر، وسيلو بي وسيلن جو چپر چورن جو، غمگينن سندو غمخوار بسم

خدا جو نور، جڳ جو ڪارڻي، آدم ڪان الله جوڙيو آ جنهن جي ڪارڻ هي

آڳاٽو سچو جنسار بسم الله

ستارن ڪان، قمر ڪان، سج ڪان ، دنيا جي هر شئي ڪان

شرف واري پرينءَ جي پير ۾ پيزار بسم الله

سونهي لولاڪ جوسر تي سدائين ڪري جهرمر ڳچيءَ ۾ هڻ آنيٰ جو هار بسم الله

تاج سهڻل کي ڪيان سرساه صدقي ۽ چوان سئو وار بسم الله

سچڻ منهنجو اڱڻ منهجي اچي جي سڪندر ٿيو سندس در جو پهاريدار بسم الله

پرت مان پيهي ٿنو هي ڏان مونکي ٿيه جي ڏاتار بسم الله

سخي داتا جي درتي دان لئه جهولي غلاميٰ جو ازل ڪان ئي اٿم اقرار بسم

جهلي حاتم الله

مونکي اعزاز بخشيو ويو محمد جي مديني ڪان اچي من ”اوحدي“

غلاميءَ جو ڏانهن تار بسم الله

غلام آهيان ستن پيڙهين ڪان ۽ پانهي

جو پار آهيان

عطا ٿئي شل غلامن کي اجازت
باريابي جي
*

اياز قادري

جڳ جو مطلوب مصطفيٰ تون آ — تون ئي رهبر ۽ رهنما تون آ
توسان انسانيت کي شان مليو — ساري عالم جو پيشوا تون آن
تنهنجي آئي، وئي ڪفر جي اونده — جنهن سان روشن آ جڳ، ضيا تون آن
جنهن سان بيدار ٿيو جهان سارو — سو پڙاڏو، صدا، ندا تون آن
رهنما جي پٺيان مان چو ڊوڙان — رهنمائن جو رهنما تون آن
دان در تان وٺن ٿا سڀ تنهنجي — مالڪِ شاهه ۽ گدا تون آن
جي خدا جو حبيب تون آهين — منهنجي دل جي به مدعا تون آن
ڪين ميڙيو مون ڪڇ سوا ڪجهه آ — مون خطاڪار جي شفا تون آن
آ گناهن جي بحر ۾ ڦاٿل — تون آن

توسان الفت جو چا بيان
ڪريان
درد مونکي ڪو لا دوا آهي
جهولي خالي ”اياز“ جي آهي

منهنجي ٻيڙي جو ناخدا
تون آن
ابتدا تون ۽ انتها تون آن
لا دوا درد جي دوا تون
آن
صاحب جود ۽ سخا تون
آن

منجي النساءِ

پيدائشِ رسولِ محمد جي دؤر ۾

سيد شاھ محمد شاھ شاد

هي خاص طور دهر جو دستور عام هو

انعام طور عورتن کي وڪيو ويندو هو / عزت هئي نه ڪائي نه ڪو احترام هو

مشهور هو ولادتِ دختر آ بدشگون / هن وهم جو شڪار پي هر خاص و عام هو

دخترجو جمڻ جرم هو بيبيءَ جي واسطي / حاصل ميان کي جنهن جو حق انتقام هو

محروم هئي وراثتِ مال ومنال کان / عورت تي ظلم روز و شب صبح و شام هو

فطرت جي برخلاف هجن چو نه خواهشون / شوهر جي رضا جوئي بس زوجه جو نام هو

عصمت دري اناث جي بالجبر و بارضا / هي ڪارنامو باعثِ فخرِ عوام هو

عورت رڳو آ مرد جي / هي نعره پي زبان زدِ خاص

آرام واسطي و عام هو
”آزاديءِ اناث “ هر هڪ هزيان هو، جنون هو،
خاص عام لاءِ سوداءِ خام هو
هو حلقئه اناث ۾ فرياد جو پر ظلم جي شراب سان
نه تاب لبريز جام هو
آخر زمانو آيو جو منظورِ ناپيد ٿي ويو جو ڪهن
خدا هو انتظام هو
پيدا ٿيو مجسمئه نورِ نالو جنهين جو احمدِ
ڪائنات خيرالانام هو
همدردي بشر سان هئي جنهن جي زبان صدق تي حق
لبريز جنهن جي دل جو پيام هو
هو جنهن جي مهرِ عدل ۽ نظر ۾ جو طائرِ بالاءِ بام
جي عدلِ عمر شعاع هو
عورت جي ارتقا لئه ۽ خونِ دل برنگِ مئه لاله
سندس دل ۾ هئي تڙپ فام هو
هن مردِ حق جي دهر ۾ تدبير ٿي معلوم
۽ فرقئه اناث جي تقدير ٿي معدوم

پيغام بس ڏنو پوءِ خدا جي انعام طور ملڪ ۾ وڪڙو

رسول هيءُ نه بيگمات
سمجهو توهان ولادتِ دختر خالق جي برگزيده خلائق آ
کي نيڪ فال محصنات
لائق آ التفات جي عورت عزت سان عورتن جي
سندي حيات معزز آ مرد ذات
ورثي ۾ عورتن کي ڏيو عورت به مرد وانگر آهي
مال ۽ منال جامع الصفات
بيبي ميان جو رشتو، لائق آ احترام جي زوجه
محبت جو راز آهه سندي حيات
جائز نه آه فعل ڪو حقاڪ برخلافيء قدرت آ
فطرت جي برخلاف بري بات
رنج و الم ۾ باعثِ تسڪين سيني ۾ رقص تن جون ته
بيبي آهه ڪن ٿيون تجليات
الله وٽ تميزِ زن و مرد ٿيو عورتن تي فرض تڏهن
ٿئي ته چو؟ صوم ۽ صلوات
فرمان ”اعمَلوا“ آ زن و وا ٿيو ٻنهي تي آهي درِ
مرد واسطي عرصئه حيات
جي فرق آهه ڪو ته رڳو عورت کي ورنه آهه وڏو
ضعف جو آ فرق صبر ۽ ثبات

الغرض هي هو پيام خدا جي رسول جو خداوندِ ڪائنات
ڪئي جنهن تي مهر ثبت

قانونِ حق و شرع ڪي ٿي دهرِ پو سوپ ملي
غلبو مليو اسلام ڪي باطل ڪي مات

القصہ آ رسولِ خدا منجيء النساءِ
آ زندگيءَ جو درس جنهن جي سڄي حيات

دائم پڙهان ٿو تنهن تي درود ۽ سوين سلام
آ ”شاد“ ڪي رڳو شة ڪون و مڪان جي تات

(ترجمو)

سيد منظور نقوي

ياسيدي مڪي المدني، يا هاشمي قرشي مطلبي
اعليٰ حسبي، والا نسبي- يا نبي، يا نبي، يا نبي

اي فخر سليمان و عيسيٰ سپ توتي پڙهن ٿا صل عليٰ
منهن جا ملجا، منهنجا ماويٰ هندي سنڌي عجمي عربي

اي باعثِ تخليق دوجهان اي مقصد ربِ زمين و زمان
اي غايت خلقتِ ڪون و مڪان اي فقية جهان اُمي لقبي

تنهن جي طاعت ۾ دن رين بڻي تنهن جي خدمت ۾ ثقلين بڻي
تنهن جي قدرت ۾ ڪونين بڻي بڌ منهنجي به آه نيم شبي

هت حسرت وياس ۾ گهاريان ٿو بس آقا توڏي نهاريان ٿو
عسرت جا ڏينهن گذاريان ٿو ٿئي منهن جي مديني ۾ طلبي

منظور ٿيان تو در آقا
بس آهي اهائي منهن جي

يثرب جي ٿيان گلين جو گدا

دعا
مڃ منهنجي دعائَي زير لبي

سليم ڳاڙهوي

انوار لک

تنهنجا ديوانا ڏنم، مجبور لک، مختار لک
سئن هٽندا ٿا رهن سلطان لک، پينار لک

منهن مبارڪ تي نميلن رنگ لک، انوار لک
چشم انور کان ٿيا مخمور لک، سرشار لک

آدمي، جن ۽ملڪ، حورون، پريون حبدار لک
تلجور تعريف تنهنجيءَ ۾ ٿيا اذڪار لک

نور نرمل، مير مرسل، راهبر سرور سخي
پيرت تنهنجيءَ ۾ پرين ڪن ٿا پيا پرچار لک

عرش تي چا فرش تي تنهنجا هلن ٿا تذڪرا
نلم تنهنجو ٿا اُچارن نلمور نروار لک

تنهنجا ڪم، تنهنجا ڪرم، تنهنجا قدم اعليٰ اُتم
تنهنجي آئو ٿا جهڪن مهندار منصبدار لک

آس ۾ عيسيٰ رهيو، اميد ۾ موسيٰ رهيو
پار تنهنجا ٿا پچن يحييٰ ۽ يوسف يار لک

مير ملڪن ملڪ تنهنجي سونهن جي سلراهه ٿي
قرب تنهنجي جا ڪروڙين داستان، ڪردار لک

نينهن تنهنجي جا نهوڙيل، گهور جا گهايل گهٽا
شان تنهنجي تي چڪن ٿيا، سونهن جا سردار لک

ڪيترا زخمي جگر، زخمي دليون در تي رکي
چاهه سان چائٺ چمن ٿا برهه جا بيمار لک

مرڪ تنهنجيءَ سان مرڪن ٿيون پيون مکڙيون هزار
ذڪر تنهنجي سان کلن ٿا گل گهٽا گلزار لک

تنهنجي پيرن جي پٽي مٽڪ اُپٽي ٿي مٽين
تنهنجي ڪوچي ۾ لين ٿا لعل لک، دينار لک

معرفت جو ملڪ تنهنجي ديد سان آباد آهه
عشق جا اظهار ٿيا وهنوار لک، ويچار لک

عاشقن تي اي سجڻ، تنهنجا ڪروڙين قرب ٿيا
طالبن جا طور لک، اعجاز لک، اسرار لک

پار تنهنجي ڏنهن پلئي بي عدد ۽ بيشمار
نينهن تنهنجي ۾ لکن نيٺن وهيا نار لک

پاڪ پيرن کي چمڻ جي لاءِ ملڪيون منتظرون   تنهنجي ولڻ تي وڇائن ٿا لکيون سالار لک

شاهه شاهن جلم، غريبن، بيڪسن جا پرجهلا   ڳڻ ڳڻي ڪهڙا ڳڻيان لائق لکين، ايثار لک

دلبريءَ تنهنجيءَ جا دلبر، دلبرن ۾ داستان   پرت سان نيڻن ۾ پلئن ٿا پيا پيزار لک

بحر ۾، بر ۾، چمن ۾، انجمن ۾ اي حضور   جا بجا جرڪن پيا تنهنجا اثر، آثار لک

روح ۾ رغبت ڪروڙن کي ۽ اربن کي اُڪير   چاهه تنهنجي ۾ هزارين عشق جا اظهار لک

تنهنجا عاشق، تنهنجا صادق، تنهنجا طالب ٿيا تمام   قيس لک، فرهاد لک ۽ هوت لک، ميهار لک

تنهنجي قدمن جي نشانن تان ڦٽا تارا لکين   تنهنجي ٻولن سان گلن جا ٿا کلن انبار لک

ديد تنهنجي ٿي بنائي، ديده ور نابين کي   ٿي ويا تنهنجي اشاري سان سڄاڻ بيدار لک

پار سو پهتو وڃي، جنهن تنهنجي دامن کي جهليو   جن رکيو توسان حسد، مرندا رهيا مردار لک

بره تنهنجي ۾ بشر، ڪيئي، ڪروڙين، سو هزار   چاهه تنهنجي ۾ چريا، نيل ۽ پدم نروار لک

شاهه تي مشرق چڪن ۽ موهه سان مغرب مڳن   هر طرف آهن حسين تي فدا حبدار لک

مصطفيٰ جي مان ۾ ۽ مجتبيٰ جي شان ۾   لفظ لک، جملا لکين نظم لکين، نثر لک

چنڊ چهري جو ڳڻا، تارا پسيني تي نثار   پاڪ پيشانيءَ مان اڀرن ٿا پيا انوار لک

عرش اعظم کي لجاريو آهه جالب جي جتيءَ   پاڪ ڳوڌن ۾ درودن جا پون ٿا هار لک

هر طرف هلچل ٿئي، ۽ هر جڳهه ٻوليون ٻڌم   حسن جا جلوا هزارين، عشق جا اطوار لک

بايزيد آهن ادب ۾، احترام اندر جنيد   ٿا پڙهن "صلوعليٰ" رومي گهڻا عطار لک

چاهه سان چنبول ۽ چيها پڙهن دم دم درود   ٿا سڏن سردار کي، ڪولي مٺو مختار لک

لعل ۾ ، گل ۾، ستارن ۾، قمر ۾، شمس ۾   جا بجا پکڙيا پيا آهن پرينءَ جا پار لک

مٽ نه ٿيندو مور جالب جي جتيءَ سان ڪو جوان   پلي مقابل ٿي نسن سالار لک، سردار لک

جنهن جڳهه تي ٿا جڙن، ٽڪرا ٿيل قلب ۽ جگر — نذر دل کي ٿا رکن، دلگير لک، دلدار لک

شان ٿيو قرآن سان ۽ تاج ٿيو معراج سان — مرتبو ان جو مڃين ٿا يار لک، اغيار لک

سرت سان ۽ سوچ سان سڀ سير سبحاني ڪري — پاڪ پرور جا ڪيا سرور سچي ديدار لک

رحمت للعالمين، خيرالبشر، خيرالورا — مرد سان مولا ڪيا انعام جا اقرار لک

عرش تي موقوف ناهي، هر جڳهه تي، هر گهڙي — جا بجا جلوا ثنا، الله جا انوار لک

ان طرح اصحاب، عربي جام سان همدم هئا — جنهن طرح جوڪن ستارا، چنڊ سان چوڌار لک

مصطفيٰ جي اهل ۽ اولاد جا اعليٰ مقام — سوبسو آهن سلامن جا هليا هڪار لک

بيشبهه بيشڪ امام الانبياء، ختم الرسل — مقتدي بيت المقدس ۾ نبي ابرار لک

مهربان، همدم محمد، حال جو محرم، حليم — دلاور، دلبر سخي، ڪامل سندا ڪردار لک

ڇا ڪندي نرڙي زبان احمد جي عظمت جو بيان — لفظ گهٽ ٻوليءَ ۾ ڳڻتي ۾ بس بيڪار لک

اي خدا، تو موڪليو آهي لسان ٿي مصطفيٰ — لطف لک، احسان لک، اڪرام لک، اقرار لک

جام جليو جنهن گهڙيءَ، هلچا مبارڪ جا هليا — آسمان اُجري ويو، ٽرٽيءَ ڪيا سينگار لک

ڳالهه ۾ ، احوال ۾، تعريف ۾، توصيف ۾ — قول لک، اقوال لک، افراد لک، افڪار لک

مير جي مدحت ۾ شاعر ۽ سگهڙ، عالم اديب — نظم لک، مضمون لک، ابيات لک، اشعار لک

ڪين ٿا پورا پون ڪاغذ قلم، دفتر ۽ هٿ — سربسر ساراهه ۾ واصف لکين، وينجهار لک

پاڻ ئي چاڻي ٿو پرور، شان سرور جو سليم
چؤطرف چمڪن پيا جانب سندا جنسار لک

شيخ عبدالرزاق راز

(1)

زملي تي جهلت جو انڌڪو دور آيو هو
شريفن جو نه ڪو آقا غريبن جو نه ڪو مولا
يتيمن جو غلامن جو نه ڪو وارث نه ڪو ولي
نه ڪوئي حل جو محرم نه ڪوئي سور جو سلٽي
زملو هو ضلالت جو زملو هو جهلت جو
اچانڪ ٿيو زملي جي مٿان شاهه امم پيدا
بصورت نور سبحلي، به معنيٰ ظل روحلي

(2)

ڪٿي پوڄا ستارن جي ڪٿي ماده پرستي هئي
ڪٿي غارت گري عشوه گري بله پرستي هئي
نمود و نام جي خاطر قباحت هئي ذلالت هئي
نه ڪنهنجو دين پختو هو نه ڪنهن تي ڪو يقين ڪنهنجو
رسوم بد جو غلبو هو نمود و نام جو جلوو
سموري ڪائنات دهر تي قبضو هو شيطان

(3)

مبارڪ ساري دنيا تي محمد مصطفيٰ آيو
محمد نالءُ جنهنجو سو ٻڌيو آ هادي اڪرم
اسيرن جي دعا ٻڌجي مريضن جي شفا ٻڌجي
وسلءِ نور جي برش سو محبوب خدا ٻڌجي
محمد جنهنکي دنيا ٿي امين و راهبر ڪوٺيو
سلام اي رحمت للعلمين اي هادي اڪبر
اوهانجي ذات تي اي شفع محشر سلام آيو

(4)

مرحبا اڄ يتيمن جو غلامن جو دلدار آيو
فلاح دوجهان جو هو علمبردار ٿي آيو
سراج نور حق ٻڌجي زمين تي رهبر اعظم
امام الانبيا پيدا ٿيو خيرالبشر پيدا
زماني جي اڳيان سو رحمة للعالمين آيو

جو
درندن جي حڪومت هئي نه انسان جو نشان
ڪوئي
امانت جو محبت جو نه خدمت جو گمان
ڪوئي
اچانڪ ٿيو زماني جي مٿان شاهه امم پيدا
بصورت نور سبحاني بمعنيٰ ظل
روحاني

شريعت جو ڪٽي پيغام آيو دين جو داور
سلام اي شاهد و مولا سلام اي سرور رهبر
خدا جي خود فرشتن جو رسولن جو
سلام آيو
اچانڪ ٿيو زماني جي مٿان شاهه امم پيدا
بصورت نور سبحاني به معنيٰ ظل روحاني

*

اسد بيگ قليچ بيگ مرزا اسد

ٿيو ورد تنهنجي نام جو ڏينهن رات يا رسول!
واجب ٿي هر نماز ۾ صلوات يا رسول!

شلل ٿي ذات حق ۾ ملڪ، جن ۾ بشر — حلل ٿيا دوجهان جا برڪات يارسول !
سرتاج انبيا ٿئين، اُمت جو آسرو — اخلاق و علم تنهجا ٿيا عادات يارسول !
محبوب ڪبريا ٿئين ۾ سيد البشر — سرڪار احديت مان مليئي ذات يارسول !
تو آئي جڳ مان نُور ٿيا اي ختم الرسل ! — الحاد و ڪفر و جهل جا ظلمات يارسول !
توکي مخاطب به مجيو صادق ۾ امين — ثابت سند ٿي سيد و سادات يا رسول!
معبود جي توحيد ٿي ڪئي عبديت ڪمل — معراج جا به مليا تو درجات يارسول !

بيوائون ۽ يتيم، مسڪين ۽ غلام — تنهجا وسارڻ سگهندا نه حسنات يارسول !

ٿيو آسرو تنهجو وحي خداوند ذوالجلال — تنهجو عمل ٿيو معنيٰ آيات يارسول !

تون شاھ انبيا ۽ شهنشاھ ڪائنات — دارين جو تون فخر و مباهات يارسول !

آدم کان عيسيٰ تائين، رسولن ثنا سنديءِ — تشريف آوريءَ جا اشارات يارسول !

دشمن به تنهجو ڪنهن ڏکويو نه تو هٿان — ڪيو عدل تنهجي تيغ بغزوات يارسول !

ٿيا سرنگون مدرس و مصلح سنديءِ لکين — تو اُمي جا ڏسي هي ڪمالات يارسول !

صورت تي تنهجي فخر جو قرآن ڪي نه ٿي!؟ — مصحف کان لڳ جو آئي سنديءِ ذات يارسول !

محڪم ازل کان تابه اَبد تنهجي اَمر ۾ — چاليس، چا ملڪ ۽ جنات يارسول !

توئي ته روشناس ڪيو حق کي خلق سان — نه ته جڳ هومبتلاءِ خرافات يارسول !

توئي مٽايو فرق امير و غريب جو — جڳ کي ڏنو تو درس مساوات يارسول !

مظلوم پيڙيا هئا جي گهٽي ۾ ظلم جي — يڪسر بدلجي تن جا ويا اوقات يارسول !

محبوب حق جو تون اُهو، جنهنکي خدا سڏيو — عرش علا تي بهر ملاقات يارسول !

ڪون و مڪان جي علت نمائي هئي تنهجي ذات — عشق عبوديت جا هي اثرات يارسول !

سايو نه تنهجو ڪنهن ڏٺو، پر آهُ چوان ٿو هو — سائي ۾ تنهجي آرض و سماوات يارسول!

جڏهن تنهجي روضي تي منهجي پئي نظر — دل جا عيان لکين مان ٿيا جذبات يارسول !

اشعار جامي جا ٿي دعائن ۾ مون پڙهيا — چپ تي نظامي جي هئي مناجات يارسول !

آئين لکين مان ڳوڙها ڳڙن تي پيا ڳڙي — چڙ رحمت خدا جي هئي برسات يارسول!

ملع ادب کان تنهجي هو اظهار عرض جو — پر لک هئي ترجمان خيالات يارسول!

شرڪ ۽ خودي جون محفلون تو آئي ختم ٿيون — هوڏي هبل نه هيڏي ڪريو لات يارسول!

بي مليہ، بي ٽمر سهي، ليڪن قول ٿي | شايد لبدا! صلوات جي سوغات يا رسول!

*

حافظ محمد احسن چنا

مالڪ ڪون و مڪين اي رحمت للعالمين

فخرِ آدم زيبِ عالم پيشوائي-مرسلين

سرورِ باغِ رسالت، مظهرِ نورِ خدا | واقفِ اسرار اعظم، زينتِ عرش برين

سِر گروة انبيا تون تاجدارِ اوليا | شهسوار- عرصئهِ وحدت امام المتقين

رهبرِ راة هديٰ تون هاديِ جن وبشر | شافعِ روزِ جزا تون هادي دين- متين

گلشنِ جاه و جلالت رونقِ ارض وسماء | ملڪِ ملڪِ جهان ووليِ ڪون ومڪين

سرورِعلي مڪان تون صاحبِ فخرِ زمان | قاسمِ تاجِ نگين تون صاحبِ اهلِ يقين

معدنِ جودوسخا تون منبعِ علم وحيا | مجمعِ بحرِ معظم، وارثِ، دنيا و دين

چا چوان من تنهجو شان آهي خدا توکي ڪيو | ”فخر دنيا، فخر دين، فخر فلڪ، فخر زمين“

تنهجي آمد جي خبر سڻي نبين لڳه ۾ ٿي | تنهجي آئي سيدا مسرور ٿيون دليون حزين

تنهجي سيرت چا چوان مان آيته(خلق عظيم) | شان ۾ فرمائي تنهجي آهه رب العالمين

نور پنهنجي مان خدا توکي ڪيو پيدا پرين | مٽ تنهجي ٻيو جهان ساري ۾ ناهي ڪو حسين

خود خدا صلوات توتي ٿو پڙهي يا مصطفيٰ | ٿا پڙهن صلواعليٰ اهل فلڪ اهل زمين

عرش کان اعليٰ ٿيو رتبو تنهجي دربار جو

خوف لحسن کي نه آهي ڪو قيلت ٿيڻهن جو تنهنجي دروازه سندو دربان هو روح الامين

جو لقب آقا سندءِ آهي شفيع المذنبين

*

حبيب ميروخاني

محمد محمد عليہ السلام عليہ الصلواة و عليہ السلام

محمد نبين جو منهندار آ محمد رسولن جو سردار آ

محمد ٿيو انبياء جو امام

محمد جو شايان هي شان ٿيو وچي خاص مولا جو مهمان ٿيو

ءِ سائٽس ٿيو عرش تي هم ڪلام

نه طاقت نه همت هجي ڪير ڪو جاٿي آهي صل عليٰ سير ڪيو

جاٿي مصطفيٰ ويو سو اعليٰ مقام

در مصطفيٰ جا آهن سپ غلام توڙي شاه شاهان ته پيي ڪن سلام

حبيب آ سندن درجو ادنيٰ غلام

*

محمد عظيم شيدا

بادل جان منهنجون اکڙيون خون بار ٿيون وسن

پنهنجو پيار مصطفيٰ شل هي پرين پسن

ابر بهار جان جن روئي ٿي پٽ پريا

پنهجو لکين جو ٿلر ڏسي شل لکيون ٿون

لولاڪ جنهنجي شان ۾ آ خود خدا چيو

تنهن دلربا حبيب کي شل هي لکيون ڏسن

سو نور منهجيون لکڙيون شل پسي سگهن

جنهن نور جي تجلا روشن ڪيو جهان

جو صحن جنهنجو آه جنت سندو چمن

شيدا کي شوق آه مديني ۾ شل مران

*

شير محمد بلوچ

عالم جو آ وجود وجود حضور سان،

تخليق ڪائنات آ مرسل جي نور سان!

جن و بشر ملائڪ و عرش و زمين   پرنور شش جهت آ محمد جي گهور سان!

فلڪ،   آراسته فلڪ آهي مطلق ظهور سان!

لولاڪ جو لقاءُ آ قادر جو ڪرشمو،   قربت ڏسو رسول جي رب غفور سان !

مولاڪ قول مولىٰ انااانت محب ٿئين،   شمس و قمر ڪومٽا بغايت وفور سان!

اعلىٰ جمال آهي ۽ اولىٰ ڪمال آ!   احسان ٿيو رسول جو جڳ تي شعور سان!

ادراڪ و علم و عقل هنر معرفت   مهمل معانقت ٿي ته موسىٰ جي طور سان!

سندو،   ڪافر ڏڪي ڪنبي ويا فسق وفجو رسان!

معراج ۾ منقش امامت حضور جي،   پٽڙ جا بت پچي پيا پنهن جي قصور سان!

جنهن مهل حق جي دين جو اعلان ٿي ويو،   تابع ٿيا تمام خوشي ۽ سرور سان!

ناموس مصطفىٰ جو ٿيو غلغلو بپا،   توريت ٿيو گواه انجيل ۽ زبور سان!

جنهن ۾ ڪيائون پاڻ نوازش پري   ناتو نه مو آ ڪوئي شراب طهور

نظر،   سان!

قرآن ۾ بيان ٿيو شان مصطفىٰ   رغبت نٿا رکن سي سرافيل وصور

ڪوثر عطا ٿيو مونکي مديني جي مير کان   سان!

الفت رسول جي ۾ مدهوش ٿي ويا   شرڪ فطور نا ڪنهن ڪبر و

ڪلمو پڙهي رسول تي ايمان سان غرور سان!
مرون،

شاهد غلام تنهنجو غلامي قبول ڪر:

ناتو نه آهي منهنجو ڪو جنت ۾ حور سان!

محمد اسماعيل عرساڻي فدا

الله الله شان محمد صلي الله عليہ وسلم

عرش عظيم ايوان محمد صلي الله عليہ وسلم

پيش نظر جي شان محمد ذهن اندر احسان محمد — چو نه ٿيون قربان محمد صلي الله عليہ وسلم

دل شيدائي آنِ محمد روح فدائي شان محمد — وجد ۾ سڀ مستان محمد صلي الله عليہ وسلم

بي تعداد احسان محمد بي پايان فيضان محمد — رحمت حق قربان محمد صلي الله عليہ وسلم

آدم کان عيسيٰ تائين سڀ علي رتبه آهن پر — آهي عجائب شان محمد صلي الله عليہ وسلم

سڀ کان بهتر سڀ کان اعليٰ سڀ اعجاز رسل کان بالا — معجزه قرآن محمد صلي الله عليہ وسلم

اي پرسان شان محمد جودِ فيضان محمد — ٿس تون پڙهي قرآن محمد صلي الله عليہ وسلم

عين عنايت چشمئه رحمت بحر حقيقت حسن رسالت — خلق عاليشان محمد صلي الله عليہ وسلم

آدم و نوح و ابراهيم و دائود موسيٰ و عيسيٰ — سڀئي ثنا گويان محمد صلي الله عليہ وسلم

اوزان هئاشاهان زمانه حيرت ۾ هئا سڀ فرزانه — چانه هو شوڪت شان محمد صلي الله عليہ وسلم

سڀئي بافعل چڙهيا ڪل عدا اخلاق ڪريا — جان جهان قربان محمد صلي الله عليہ وسلم

مشرق وحدت مهر رسالت آيہ قدرت سايئه رحمت — ذات عاليشان محمد صلي الله عليہ وسلم

پنهنجن تي ۽ پراين تي مسلم تي نا مسلم تي — سڀ جي مٿان احسان محمد صلي الله عليہ وسلم

سيدنا صديق مڪرم سيدنا فاروق اعظم — سرخيل ياران محمد صلي الله عليہ وسلم

سيدنا عثمان معظم رضي الله تعاليٰ عنہ — خواهان رضوان محمد صلي الله عليہ وسلم

حضرت اسد الله الغالب سيدنا ابن ابو طالب — سرتاج اخوان محمد صلي الله عليہ وسلم

جامع درويشي شاهي ۽ نافع مخلوقات الاهي
حامي مهر و صدق وصفا هئا ماحي ظلم وجور و جفاهئا
ڪان صفا هئا باغ وفا هئا بر سخا هئا بحر عطا هئا
خوش اطوار و نيڪ طبيعت پاڪ دل و پاڪيزه
فطرت سيدنا حسنين جي حالت نت ٿي ڪري محو
حيرت
مومنو نقش دوئي کي مٽايو نعره اِلاالله لڳايو
همت وارا نيڪ جوانو شمع رسالت جا پروانو
بيداري جو وقت هي آهي هوشياري جو وقت هي آهي
پاڻ به جاڳو بيا به جاڳايو علم ۾ هڪ تُوم مچايو
دشت وجبل ۾ بحر روان ۾ ساري عرض وطول جهان
۾
مشرق کي مغرب سان ملايو ڪنڊ ڪنڊ ۾ پيغام رسايو
علم کي سرمست بڻايو سڀ کي حد امڪان چکايو

ڪير؟ اِهي يارانِ محمد صلي الله عليه وسلم
اصحاب ذي شان محمد صلي الله عليه وسلم
انصار و اعوان محمد صلي الله عليه وسلم
جمائه مقبولان محمد صلي الله عليه وسلم
هي هئا فرزندان محمد صلي الله عليه وسلم
آ نيل مستان محمد صلي الله عليه وسلم
ٿس ته سهي فرمان محمد صلي الله عليه وسلم
هوشيار رهو شيران محمد صلي الله عليه وسلم
اي غيرت مندان محمد صلي الله عليه وسلم
پهچايو فرمان محمد صلي الله عليه وسلم
تذڪره احسان محمد صلي الله عليه وسلم
صهبائي عرفان محمد صلي الله عليه وسلم

ممڪن ناهي ممڪن ناهي مون کان "فدا" ٿي ممڪن ناهي
شڪر ادا احسان محمد صلي الله عليه وسلم

*

عبدالله خواب حيدرآبادي

حمد خدا ۽ نعت نبيءَ جي گلڙن جي سرهاڻ ڪجي
صل- عليٰ جو نور پکيڙي اونده ۾ چانڊاڻ ڪجي
ڏاتر جنهن کي ڏات ڏني تنهن ذات جو ذڪر و صفات ڪجي
جنهن رات کي ڏينهن ۾ بدلايو، تنهن جوت جمال جي بات ڪجي

الله الله سندن قيادت دنيا دين لئي رحمت ٿي
ڪافر توڙي مشرڪ سان، مخلوق- خدا سان نسبت ٿي

جنهن جي حسن و جمال جي خوشبو واسيو ساري عالم کي
شرف مليو مخلوق کي، تنهنجي صدقي ابن- آدم کي

جهل جي هر ڪنهن مڪتب کي، خود آگاهي جو چاڻ ڏنو
اکر اکر جو وکر وهائي، اکرن ۾ اهڃاڻ ڏنو

صبر و تحمل شيوو جن جو، صبر و رضا تي تڪيو تن جو
شاهي هوندي فقر قبوليو، آن انهن جو شان ڇا هوندو

ظاهر خاڪي، باطن نوري، جسم جمال جو مظهر ٿيو
ڪاشف راز حقيقت ڪلي اُمي علم جو مصدر ٿيو

جن جي هستي مئلن ۾ پيي روح وجهي ٿي جئرو ڪيو
تن جي هڪ آڱر جي اشاري چنڊ به ٽڪرا ڪري ڇڏيو

مخلوقن ۾ اشرف ٿي، ۽ عرش و فلڪ تي افضل ٿي
حجت دين حنيفي واري ارض و سما ۾ اڪمل ٿي

تيره سال مڪي جا مشرڪ، مدني مير جا دشمن ها
سر تي سختيون، صدما سهسين سيني اندر مدفن ها

عشق حسن لئه ٿي ويو آتو، خاڪ جو نور سان ٿي ويو ناتو
جوت جمال جي جلون وارو، پوش پرينءَ کي پرور پاتو

مرڪز هڪڙو، محور هڪڙو، ظاهر پردو، باطن هڪڙو
ذات صفات ۾ جذب ٿي ويڙي فيصلو تنهن دم ٿي ويو تڪڙو
سوچيندڙ سپ خواب لهن، طلبيندڙ تعبير لهن
طلب جو آتڻ ڪتيو جن، تن مطلوبن کي محب ملن

شيخ عبدالحليم ”جوش“

رنگ ۽ نسل جي ليڪن کي مٽائڻ
آيو
امن، انصاف، مساوات، محبت،
تقويٰ
اهڙي علم ۾ جڏهن ڪو به نه هو ڪنهن جو سڄڻ
پيش ان سان به آيو ٿي هو همدردي ءَ سان
هو صداقت ۽ امانت جي علامت ٿيو لڳ
حسن - اخلاق، مروت ۽ رواداري
سان
علم جو شهر هو، ايمان جو
سرچشمو هو

باهه نفرت ۽ عداوت جي وسائڻ آيو
اهڙو پيغام زماني کي رسائڻ آيو
دشمنن کي به اتي دوست بنائڻ آيو
جيڪڏهن ڪو به ڪڏهن ڪيس ستائڻ آيو
پوءِ هو پنهنجي نبوت کي مڃائڻ آيو
سنگريزن مان به انسان اپائڻ آيو
مرڪزِ دين هو، قرآن جو سرچشمو
هو.

*

الحاج رحيم بخش ”قمر“

محمد نبي آ، محمد امام

محمد مٿي تي صلواتون سلام.

محمد جي پيرن جي پارس پٽي — محمد مٿو پاڪ ڪوثر ڏٺي

محمد جي جنت، محمد جو جام — محمد مٿي تي صلواتون سلام

محمد نبين جو به آهي نبي — محمد جي طاعت ٿي طاعت ربي

محمد جو هر قول رب جو ڪلام — محمد مٿي تي صلواتون سلام

محمد جو جڳ آ، محمد جو تاج — محمد آ سورج، محمد سراج

محمد مٿي ٿي رسالت تمام — محمد مٿي تي صلواتون سلام

محمد جي ساوڪ، محمد جو سڀ — محمد جو گلشن، محمد جو اپ

محمد کي محمود مليو مقام — محمد مٿي تي صلواتون سلام

محمد جي نالي تان صدقي وڃان — محمد کي رشڪ ”قمر“ ٿو مڃان

محمد جي گولن جو آهيان غلام. — محمد مٿي تي صلواتون سلام.

*

استاد بخاري

(1)

عجب ڪائي ٿو ان امي تي عالم
جلايا جهل جا جنهن ڪارخانا
خدا جي دوستن جا دوست آهن
زمين تي گهر، اپن تي آستانا

(2)

جنت به اها آ، جت ٿِلندو هوندين
سي جنتي جن ساڻ تون ملندو هوندين
دوزخ جو ٺري هانءُ ته پوندو هوندو
هن ڌانهن نهاري جي تون ڪِلندو هوندين

احمد خان آصف مصراڻي

مصطفيٰ آيو ته دنيا تي اثر ٿيندا ويا
جي خدا کان بي خبر ها باخبر ٿيندا ويا

آمنه جي گود ۾ جيئن جلوه گر ٿيندا ويا
ظلمتون گهٽيون ويون روشن سحر ٿيندا ويا

مصطفيٰ جي نور جا هي
شمس، ڪي ثاقب، ڪي

مختلف نالا ٿيا انجم ڪي قمر ٿيندا ويا
ڪين سايو ڪو نه هو دنيا تي پاڻ سامايا ته چورن جا
ٿيا سايه فگن چپر ٿيندا ويا
خاص محبوب خدا ها پر خدا خير سان خيرالورا
جي خلق لئه خيرالبشر ٿيندا ويا
مصطفيٰ جي شان ۾ ڪيڏا بهِ لِک در حقيقت مختصر ڪان
دفتر طويل مختصر ٿيندا ويا
در محمد مصطفيٰ آصف آخرت جي واسطي سهڻا
پڙهون دم دم درود ثمر ٿيندا ويا

*

نشتر ناٿن شاهي

درِ حبيب جي مدت کان جستجو آهي
اها تمنا اِها آرزو آهي

نظر ۾ پيار، تڙپ ۾ خلوص هجي
ائين پو چاڻ! سڄڻ روبرو آهي

ڏنو آ شان جهانن کي مصطفيٰ جي جنم
حرم جو مان مديني جي آبرو آهي

شباب و حسن مليو ڪائنات کي آهه
جهان حسن ۾ بهتر هي خوبرو آهي

نظر جي ڏوهه، دلين جو قصور هي چئبو
پري اسان هون، مگر ويجهو هو آهي

چمڻ ڏي يار جي قدمن کي پاڪباز ذرا
ازل کان منهنجي دهن جو ٿيل وضو آهي

نظر جو جام عطا ٿيو، خمار خوب مليا
زهي نصيب حقيقي مليو سبو آهي

نگاهه شوق کي وسعت اگر هجي نشتر
جتي به ڏس اُتي يار روبرو آهي

احمد خان مدهوش

خدا جي ذات کان پوءِ جنهن جي ذات محترم آهي
انهيءَ هستي جي هستي سان جهان جي دم جو دم آهي

انهيءَ جي نالي جي باعث بڻيو لوح و قلم آهي — خدا جو نالو جنهن جي نالي سان باهم رقم آهي
خدا جي نور ۾ هيءُ نور اهڙي ريت ضم آهي — جو هن جي جسم نوراني جو پاڇو ئي عدم آهي
رڳو فخرِ عرب ناهي، رڳو نازِ عجم ناهي — محمد ڪل جهانن جي مٿان ابرِ ڪرم آهي
ثريا، ڪهڪشان، شمس و قمر سجدا ڪري ڳڙن — ستارن جو به صبح و شام سرِ تسليم خم آهي
خداءِ بي مثل جي، بي مثل محبوب جي ساراهه — تعارف کان چڙهيل آهي، مٿان کان اُتم آهي
زمين تي، آسمان تي، عرش ۽ تارن ستارن تي — شهر يثرب سندو ساري خدائي تي قدم آهي
مڪين عرش اعظم جي زيارت جي نه راحت پڇ — نه مٽ جنت جو در آهي، نه مٽ ديرو حرم آهي
سرِ محشر حمايت ڪاڻ ايندو هوت حامي ٿي — گنهگارن، حقيرن کي نه ڳڻتي آ نه غم آهي
گناگر آهيان مدهوش اهڙي شاهه جي در جو — فرشتن جي تمنا جي جبين جنهن در تي خم آهي

نثار بزمي

شبستان- تمنا ۾
امام الانبيا آيو
انيس - بي ڪسان آيو
رسول - هاشمي
بڻجي بهار - جاودان آيو
شفيع - عاصيان آيو
* * *
منور ٿي وئي دنيا
جمال - روئي تابان ڪان
مديني جي فضا
رشڪ - جنان ٿي وئي
حضور آيو ته
عالم تي بهار آئي
نکار آيو
* * *
جڏهن پهرين اذان اُڀري
مديني مان

مچي ڪفر و ضلالت ۾ ويو
ڪهرام ۽ ماتم
درخشان ٿي وئي دنيا
جڏهن خيرالبشر آيو
* * *
اڄ به ته رات ڪاري هئي
تراشي پٿرن کي
”ديوتا “ سڏبو انهن کي هو
”اهرمن“
ڏند ٿيڙي
حيثيت پنهنجي مڃائيندا هئا
يارو!
صنم خانا ۽
بت خانا
هئا هر جاءِ تي قائم
نوان معبود
۽ معبد
بڻايا ٿي ويا ڪيئي
ڪفر جو دور دورو هو

قيام - زندگي

بحر - الم ۾ غير ممڪن هو

بشير آيو

فصيح آيو

امين آيو

سراج مالڪين آيو

ته لاٿون

نور جون چمڪي ويون

سنسار ساري ۾

ملي ايمان جي دولت

ملي عرفان جي نعمت

ملي قرآن جي قربت

خدا جا شڪر ڳايون ٿا

دليون ڌوپي ٿيون

اُجريون

اکين ۾ روشني آئي

نبوت جي درخشان

تاج

اهڙو ڪنهن نه پئي

پاتو
جزاڪ الله ....
جزاڪ الله ....
خدا جو هي ڏنل
انعام زنده باد!
سر- عرش - برين
جنهن جي
خدا سان هم ڪلامي
ٿي
جهڪي َملڪن ڪيا سجدا
مان اُن جي شان ۾ ڪهڙي
ڪريان ڪا خامه فرمائي
جڏهن بلغ العليٰ آهي
جڏهن ڪشف الدجيٰ آهي

*

بلاول پرديسي

يا نبي ڪير توسان ڪري همسري
توکي ڪون و مڪان ۾ ملي برتري

سرورِ دوجهان، سرورِ ڪائنات — تو سوا هئي هتي، تشنه پيغمبري
تنهنجي آمد سان روشن ٿيا چوڏهن طبق — بزمِ دنيا ۾ شمعِ صداقت ٻري
جسم انسان ۾ ٿيو نور حق جلوه گر — هر طرف آهي جلون جي جلوه گري
وقت جي گود ۾ ظلمتن دم ڏنو — صبح روشن جي ساعت سدوري سري
سينه دهر تان نقش باطل مٽيو — ڪفر جي ڪاڪ محلات پيئي ڏري
بي سهارن کي جڳ ۾ سهارو مليو — دل دکيل درد مندن سان ٿي دلبري
هر طرف امن و الفت جا روشن چراغ — هر طرف روشني هر طرف رهبري
جت حياتي ٿي سڏڪا — اُت اميدن جي رقصان ٿي

پريا روز شب حور و پري

هو سدا آدمي، آدميءَ جو غلام
سرڪشي نيث بي موت ويئي مري

جن جي مشڪل ۾ مشڪلشڪلئي تو ڪئي
هر مصيبت جي دريا منجهان ويا تري

سي آگها پڻ ڏٺيءَ در اگهامي ويا
جن تي هيڪر ڪرم جي نظر تو ذري

اڄ جو انسان وري آهه گمراهه ٿيو
تنهنجي دنيا ڪي گهرجي وري رهبري

پاڪ نالي تان سؤ بار صدقو ٿئي
مون ”بلاول“ سڪايل جي دلڙي چري

اين ڪتاب اينجا تمام شد بعون الله تعاليٰ

م.ع. چنڊ